عاشقن اندوهه

(شاعري)

شاعر

فقير عبدالغني اباز ٻٽي

داتا بگن شاهه
اڪيڊمي لاڙڪاڻو

انتساب:

هي ڪتاب مرشد پاڪ

داتا پير محمد شاهه

عرف بگن شاهه جيلاني رح

ڏانهن منسوب ڪريان ٿو جنهن تصوف جي

راهه ۾ منهنجي رهبري ڪئي.

فقير عبدالغني اياز ٻٽي

هي ڪتاب "**عاشقن اندوهه**"

داتا بگن شاهه اڪيڊمي مديحا مسيحا پبليڪيشن طرفان

ڇپائي لاڙڪاڻي مان پڌرو ڪيو.

ڪاتيءَ ڪونهي ڏوهه ڳَنُ وڍينديڙ هٿَ ۾،
ڀَسيو ڀَرِ عجيب جي، لِڇيو وڃي لوهُه،
”عاشقن اندوهُ“ سدا معشوقن جو.
”لطيف رح“

سِٽاءُ:

◆ ناشر طرفان ٻه اکر 06

◆ شاعر طرفان "حق موجود سدا موجود" 07

◆ مهاڳ "عشق ۾ غازي غني" .... اختر درگاهي 12

◆ روحاني تخليقڪار .... عبدالرؤف ڀٽي 20

◆ مقدمو .... ادارو 23

◆ بيت 40

◆ ڪافيون 65

◆ غزل 189

◆ وايون 210

◆ سرائيڪي ڪافيون 216

◆ ٽيهه اکريون 230

داتا بگن شاهه اڪيڊمي لاڙڪاڻو

شاعر طرفان حق موجود سدا موجود

سيئي سبحان جي گر حَوالي گم،
ٿي تحقيق تسليم سين لاهي غم وهم،
تہ قادر ساڻ ڪرم، حاصل ڪري حاج تو.
(لطيف سائين)

سڀ تعريف ان رب العالمين جي آهي، جنهن انسان کي قلم سان سِڏيون ستون لکڻ سيکاريون ۽ ڳالهائڻ سيکاريو. درود هجي مٿي محمد عربي ﷺ جن جي ذات بابرڪات تي جنهن جي سيني ۾ الله سائين جو پاڪ ڪلام سمايو جنهن جي روشني ۽ برڪت سان هن اونداهي جهان کي روشن ڪيو. درود هجي حضرت علي المرتضيٰ حيدر جن جي باب العلم شخصيت تي جو جهڙس ڪو بہ راست باز شاعر دنيا ۾ پيدا نہ ٿيو آهي ۽ ڪيس پياري نبي ڪريم صلعم جن کان جيڪو طريقت جو علم حاصل ٿيو جيڪو سندس پوئلڳن صوفين پنهنجي سيني ۾ سمايو ۽ اڄ تائين سيني بہ سيني هلندو اچي ٿو.

مون کي ننڍي هوندي کان شعروشاعري، جهونگارڻ، لکڻ پڙهڻ جو ذوق شوق سمجهو تہ پيدائشي آهي. ننڍي جمار کان ئي صوفي فقيرن سان صحبت رهي آهي. علم ادب ۽ صحافت اسان جي وفائي خاندان جو پيشو ۽ شيوو رهيو آهي. ڪجھ تخمِ تاثير، ڪجھ صحبت جي اثر ۽ ڪجھ فطرتي تاثير منجهان آءٌ ناچيز شاعر پيدا ٿي پيو آهيان. سالن کان اميد هئي تہ پنهنجي شاعريءَ جو ڪِتاب ڇپائيندس. اها اُميد ۽ جستجو گڏجي هن ڪتاب "عاشقن آندوهہ" جي صورت اختيار ڪري، اوهان جي هٿن تائين پهتو آهي. هونئن بہ شاعري شاعر لاءِ سورن جي سوکڙي بہ تہ دردن جي دوا بہ هوندي آهي.

اها سالن جي سِڪ ۽ دردن جو داستانو ڪٺي دوستن، بزرگن، عالمن، مطالعي جي مشتاقن جي حضور ۾ اچي حاضر ٿيو آهيان، مان شاعرن، اديبن ۽ عالمن جو نيازمند رهيو آهيان، بس پنهنجي حال سارون شاعريءَ ۾ رندا روڙيا اٿم، سي شال اوهان کي پسند اچن ۽ قبول پون.

سڄڻؤ! منهنجي شاعري ۾ ڪيترين ئي اوڻايون پوڻايون آهن، انهن عيبن ۽ ڦوابن کي جاچي جُوچي اصلاح ڪرڻ فرمائيندا تہ لکين لائق پائيندس.

دل جي حضور سان ٿورائتو آهيان عالم، اديب، شاعر ۽ اسڪالر دوست ادل سومرو صاحب جو ۽ سر جي سائين روح پرور دوست اختر درگاهي جو جن پنهنجو قيمتي وقت صرف ڪري منهنجي ڪتاب تي پنهنجا روح پرور رايا لکي منهنجي حوالي ڪيا. اختر درگاهي صاحب منهنجي ڪتاب جي ترتيب جي باري ۾ جيڪي صلاحون ۽ مشورا ڏنا انهن جي روشنيءَ ۾ ڪتاب جي ترتيب جڙي راس ٿي آهي.

ٿورا نہ ٿورا مون تي ماروئڙن جا

آخر ۾ انهن دوستن جو شڪريو ادا ڪريان ٿو جن منهنجي ڪتاب جي پروفن ڪٺي اچڻ ۽ واپس ڪمپيوٽر واري وٽ پهچائڻ ۾ منهنجي مدد ڪئي، محترم عطاء الحسنين ڳوڙهو، پيار علي ميراڻي، فقير محمد صالح سانگي، افسر قريشي ۽ اختر سولنگي، نوجوان شاگرد دوستن مان مختيار علي چانڊيو ۽ آنس علي خاصخيلي. شڪريہ

دعائن جو طالب

فقير عبدالغني اياز ڀٽي

لاهوري محلو لاڙڪاڻو

سال محرم الحرام 1434هہ

2012ع

صحافي عبدالرؤف يتي ۽ عبدالغني اياز يتي (يتي برادري)

عبدالغني اياز يتي، علي نواز بن مولانا دين محمد وفائي ۽ آخوند عبدالطيف يتي
(وفائي پرنٽنگ پريس ڪراچي)

استاد محمد جمن، عبدالغني اياز يتي ۽ استاد وحيد علي
(سن 1981ع آرٽس ڪائونسل آف پاڪستان ڪراچي)

سن 1976ع ميرپور خاص جي هڪ محفل ۾ فن جو مظاهرو ڪندي

جواني جون يادگار تصويرون

تصوف جي انهيءَ بي بها باغ جي قَلَ مان اهڙو وَڪرُ وهايو آهي جيڪو ڪڏهن بہ پراڻو ناهي ٿيڻو ڇاڪاڻ تہ انهيءَ باغ ڪي ڪنهن بہ خزان جو خوف ناهي ۽ اهو سدائين باغ بهار ۽ رنگين آهي.

عبدالغني اياز يَٽي بہ انهيءَ ئي باغ جو مالهي آهي جنهن پڻ، پنهنجي مُرشد جي سُخن سان سچو رهندي پنهنجي رهبرن جي فڪري ۽ روحاني باغ جي آبياري ڪندي ان جو قيمتي ۽ بي بها وکر وهايو آهي ۽ ان جي گُلن کي سڪ جي سڃي سان ويهي پوبو آهي، جيئن پاڻ چوي ٿو:

لوڪ سُتي تون ڪر مومن،
مولا سان مصلحات،
سڪ جو سڃو سوري سوري

عبدالغني يٽي سان ملندي مونکي تمام گهڻي خوشي محسوس ٿيندي آهي ڇو تہ ان جا ڪافي حوالا آهن. هڪ تہ هيءَ هڪ ئي وقت شاعر، محقق ۽ راڳي آهي ٻيو تہ اسان جو مُرشد ڀائي پڻ. عبدالغني يٽيءَ کي بہ انهيءَ ئي درگاهہ تان فيض مليو آهي جنهن درگاهہ تان اسانجي وڏڙن کي مليو. داتا فيض درياهہ جي درگاهہ "حضرت هنباهہ" تان اهو فقيري وَنڊُ اسان جي خاندان کي "داتا بگن شاهہ اول" کان مليو تہ عبدالغني يٽيءَ کي اُهو وري "داتا بگن شاهہ دوئم" وٽان مليو. عبدالغني يٽي گهڻو خوشنصيب آهي جو هو 'درگاهہ هنباهہ' سان ايئن سلهاڙيل آهي جيئن خوشبو گُل سان ۽ اهو ان فيض جو ئي اثر آهي جو هينئر هُو صوفي راڳي ۽ صوفي فقير سان گڏ 'صوفي شاعر' جي روپ ۾ بہ نکري نروار ٿيو آهي. هتي اهو بہ ٻڌائيندو هلان تہ

سندس حصي ۾ اها اهم شيءِ بہ آئي جو پاڻ ’درگاھہ ھنباھہ‘ جي برک شاعرن داتا فيض درياھہ، داتا ولايت شاھہ ۽ داتا بگن شاھہ جو ڪلام بہ ترتيب ڏئي ڇپايو اٿائين.

سنڌي صوفيانہ شاعريءَ ۾ شاھہ لطيف کان پوءِ جيڪا اُچل سچل سرمست جي ڪلام آندي ان جو اثر ۽ اسلوب سنڌ جي درگاھن تي سرجندڙ ھن دور جي صوفيانہ شاعريءَ تي پڻ وڏي زوردار نموني سان حاوي آھي، اھا ساڳي رندي، مستي، اھو ساڳيو ھمہ اوست جو اظھار، عشق مجازي کان عشق حقيقي جا سير، رمزون، راز ۽ عاشقي انداز جن کي پنھنجي پنھنجي وقت ۾ سچل سائينءَ کان پوءِ نانڪ يوسف، بيدل، بيڪس، ٻُڍل ۽ فيض درياھہ اڳتي وڌايو.

عبدالغني اياز پٺي توڙي جو اسانجي دور جي جديد ادب ۽شاعريءَ کان باخبر آھي ۽ سندس شاعريءَ ۾ ٿورا ڪي گھڻا جديد لاڙا بہ ملن ٿا پر پوءِ بہ بنيادي طور تي ھُو ’صوفي شاعر‘ آھي، جنھنجي شاعريءَ تي فڪري حوالي سان صوفي فڪر، ھمہ اوست، وحدت الوجود، مجازي ۽ حقيقي عشق جي روايتي اظھار جو گھرو اثر آھي. فني حوالي سان بہ عبدالغني پٺي سنڌي شاعريءَ جي آٿاٽي ۽ صوفيانہ شاعريءَ جي محبوب صنفن بيت، ڪافي، وائي ۽ ٽيھہ اکري کي وڌيڪ ھنڊايو آھي جڏھن تہ خوشي ان ڳالھہ جي ٿئي ٿي تہ ھُن غزل بہ ڏاڍا خوبصورت لکيا آھن، جن مان ھڪ ٻيو ’عبدالغني پٺي‘ نظر اچي ٿو. ھر دور جي سُجاڻ شاعر جو پنھنجي وڏن ۽ ڪلاسيڪي شاعرن کان اثر وٺڻ اٽل ھوندو آھي ۽ ھر دور جو اھم شاعر پنھنجي دور جي وڏن معاصرن جي شاعريءَ جو اثر قبول ڪري اڳتي ھلي

پنهنجون راهون ۽ رستا ٺاهيندو آهي. عبدالغني ڀٽي ته آهي ئي صوفي شاعر جنهن سنڌي صوفيانه شاعري جي ٿمورتي شاهه لطيف، سچل سرمست ۽ بيدل سائين جي ڪلام جو وڏيڪ اثر ورتو آهي جيڪو هن ڪتاب **"عاشقن اندوهُ"** ۾ شامل سندس ڪجهه شعرن مان پروڙي سگهجي ٿو پر اُن جي باوجود 'عبدالغني ڀٽي' جي شاعريءَ ۾ صوفيانه شاعريءَ جي حوالي سان ڪي نوان عڪس، نوان خيال، نئين ٻولي ۽ نئون اسلوب به ملي ٿو.

مثال طور:

هُن تي 'فرض فنا' جو موتو مري جيئي،
جوڳي هيئن جيئي.

انهيءَ شعر ۾ هڪ سالڪ ۽ جوڳيءَ تي فنا فرض ٿيڻ واري ڳالهه نئين آهي، ٻي پاسي هُن جي ڪجهه ڪافين ۾ غزل جو رنگ به نظر اچي ٿو ۽ سندس اهڙيون ڪافيون ٻوليءَ، لهجي ۽ فني قافين ۽ رديف جي حوالي سان ڏاڍيون خوبصورت ڪافيون آهن.

مثال طور:

محمود آهي مرشد عاشق اياز مان،
ليليٰ مثل ٿيو رهبر مجنون مجاز مان.
مشتاق مه لقا سان آهيان گڏيل 'غني'،
تصوير هُن جي آهيان زلفِ دراز مان.

يا وري سندس هيءَ ڪافي ڏسو جيڪا پنهنجي انداز اظهار جي سادگي ۽ حرف تجنيس جي استعمال سان ڏاڍي وڻندڙ آهي.

عبدالغني يتيءَ جي انهيءَ ڪافيءَ ۾ به فني حوالي سان گهڻيون فني خوبيون نظر اچن ٿيون جن جو مان اڳ به اظهار ڪري چُڪو آهيان. مضبوط قافيا، سهڻا رديف، نرم ۽ لطيف لفظ ۽ ان سان گڏ اندروني قافيا جيڪي شعر کي وڏيڪ مترنم بڻائن ٿا. اصل ۾ عبدالغني يتي جي شاعريءَ ۾ اها خوبي ان ڪري آهي جو هو پاڻ سُريلو راڳي ۽ راڳ جو ڄاڻو آهي. ان ڪري موسيقيءَ جي اها ڄاڻ ۽ سندس اندر جو موسيقار سندس شاعريءَ ۾ به ظاهر ٿي پيو آهي. هونءَ ته هُن جي سموري شاعري راڳيري آهي ۽ ايئن لڳي ٿو ته هُن اها ڳائي ڪري تخليق ڪئي آهي. راڳ جي بنياد تي رچيل اهڙي شاعري عشق جي اعليٰ ڪيفيتن ۾ رهي بي ساختا اظهار کي پيش ڪري ٿي جنهن ۾ ڪي 'آوازي قافيا' به استعمال ٿي ويندا آهن، جن جي عقل سان سرجيل موزون شاعريءَ ۾ ڪا گنجائش نه هوندي آهي پر ڀي پاسي آوازي قافيا اهڙي رندي ڪلام مان خارج به نٿا ڪري سگهجن. "عبدالغني يتي" به اهڙا 'آوازي قافيا' استعمال ڪيا آهن ۽ جڏهن اهي شعر ڳايا ٿا وڃن ته اهي قافيا به سٺا ٿا لڳن.

سچي سَتُگر هاديءَ سان،
ازلي منهنجو انگ آهي.
مٿي عرش عظيم ڪان،
لاهوتين جو لنگهه آهي.

مون هن ڪان اڳ عبدالغني يتي جي غزلن جو ذڪر ڪيو ته سندس هن ڪتاب ۾ اهڙا خوبصورت غزل به شامل آهن جيڪي هُن کي پنهنجي دور جي هڪ جديد شاعر طور سامهون آڻن ٿا. توڙي جو

”لڙڪن جا گلدستا“ ۽ ”دل ۾ رستا“ ڏاڍا سھڻا ۽ نڪور استعارا آھن. عبدالغني ڀٽي جي سموري شاعري پڙھڻ ڪانپوءِ خبر پوي ٿي تہ ھو ھن دور جو ھڪ سجاڳ ۽ ذھين شاعر آھي ۽ پڻ شاعريءَ جي ھڪ اھم ۽ بنيادي گُھرج راڳداري کان بہ واقف آھي، ساڳي وقت ھو ھڪ عملي صوفي ۽ سنڌ جي ھڪ اھم صوفي درگاھ ’حضرت ھنباھ‘ سان سلھاڙيل فقير ۽ طالب آھي. ان حوالي سان اسانجي ھن پياري ۽ محبتي دوست سنڌي صوفيانہ شاعريءَ جو جيڪو ورثو سنڀاليو آھي اھو خوشي بخشيندڙ آھي. اھڙي سچي سُخن جي پوئواري ڪرڻ تي اسان ڪيس مبارڪباد پيش ڪريون ٿا.

ٿيءُ عشق ۾ غازي غني،
متان قرب وارا ڪھڙو ڳني،
آھي زمن زيب تني،
بيڪار آھي پُليلو.

14 آگسٽ 2012ع

اختر درگاھي

روھڙي سنڌ.

روحاني تخليقڪار
فقير عبدالغني ”اياز“ پيٽي

لوڪان صرف نحو مون مطالع سپرين. (شاهہ)

انساني زندگيءَ ۾ تخليقي عمل فطري آهي. پر انسان کي اها خبر نہ هوندي آهي تہ مسئلو ڪهڙو آهي! زندگي ڇا آهي؟ آءٌ ڪير آهيان؟ ڪٿان جو آهيان؟ ڪائنات ڇا آهي؟ هستي مستي ڇاڪي چوندا آهن؟

زندگي جي گهرائين ۾ ٽٻيون هڻي ان جو مفهوم سمجهڻ ڪانپوءِ تسلي بخش جواب هڪ تخليقڪار، مفڪر، جستجو ڪندڙ ڪلاڪار، شاعر يا فنڪار ئي ڏئي سگهي ٿو تہ مسئلو هي آهي، زندگي ههڙي عمل کي ڇئبو آهي. شاعر يا فنڪار جڏهن فطرت جو مشاهدو ماڻي ٿو مطالعو ڪري ٿو تڏهن وڃي هو تخليقڪار بڻجي ٿو.

تخليق جا ٻہ قسم ٿين ٿا هڪ طبعي تخليق جنهن ۾ زندگيءَ جا ظاهري حالات بيان ٿيل هجن ٿا. ٻئي تخليق آهي روحاني. شاعري روحاني تخليقڪار زندگي کي پاڪ صاف رکڻ، حق ۽ سچ جي راهہ تي هلڻ، معاشري ۾ عزت ۽ احترام ۽ عدل قائم ڪرڻ، ايڪي ۽ ٻڌيءَ جو اظهار ڪري پنهنجي تخليق کي آلودگي کان بچائي ٿو. اها ئي شاعري مصوري، علم ۽ ادب ۽ فلسفہ روحاني سڏجي ٿو.

روحاني تخليق هزارين سالن کان ٻہ اڳيري آهي. لوئس ڊيگيوري، مارڪوني، سقراط، ارسطو گوتم ٻڌ سميت سمورا عظيم انسان ان ڪري ئي زندہ آهن جو روحاني تخليق جا مالڪ آهن. اهڙا انسان زالن ۽ اولاد، مال ملڪيت جي ڪري مشهور ڪونہ ٿيا آهن.

۾ گذري آهي. راڳ جو علم هجي يا شعر و شاعري جو علم هجي، مضمون نگاري، اخبار نويسي کان علاوه ڇهن ڪتابن جو ليکڪ ۽ مرتب بہ آهي. مطلب تہ جڏهن کان هوش سنڀاليو اٿائين اسڪول جي زندگي، ڪاليج وارو دور، نوڪريءَ وارو سمورو وقت علم، ادب ۽ موسيقاري ۾ گذريو اٿس.

فقير عبدالغني "اياز" منهنجو ننڍو ڀاءُ ڄمار ۾ مون کان چار سال ننڍو تہ ضرور آهي پر علم ۽ ادب پروري، دانائي ۽ دور انديشي ۾ مونکان گهڻو وڏو آهي. سندس شاعري تي رايو ڏيڻ منهنجي لاءِ ائين آهي جيئن سج کي آئينو ڏيکارڻ جي برابر هجي. بس رڳو مان پنهنجي پياري ڀاءُ عبدالغني "اياز" جي حڪم مطابق سندس ڪتاب "عاشقن اندوهہ" لاءِ پنهنجي خيالن جو اظهار ڪيو آهي.

الله پاڪ کان فقير عبدالغني "اياز" پتني جي عمر درازي لاءِ دعائن جو طلبگار آهيان تہ ڪيس رب العالمين وڏي ڄمار ۽ ڪامل صحت عطا فرمائي جيئن هڪ ٻئي پنيان ڪتاب ڇپرائي علم جو فيض عام ڪري.

عشق کی گرمی سے ہے معرکۂ کائنات،
علم مقامِ صفات عشق تماشائے ذات۔
(اقبال رح)

محرم الحرام 1435 هجري
2012ع

عبدالرئوف پتني
نمائنده روزنامہ جنگ
ڪراچي.

مقدمو

سوانح عمري:

سنڌ جي سدا سائي ستابي مان واري مٽيءَ ڪيترائي عالم ۽ اديب، شاعر ۽ سگهڙ، نڪتدان نڪتشناس، بزرگ ۽ الله لوڪ، صوفي فقير ۽ سورهيہ سرويچ پيدا ڪيا آهن جن پنهنجي ذات ۽ لات،ست ۽ سرندي آهر سنڌي ٻوليءَ ۽ سنڌي علم ۽ ادب جي بي بها خدمت ڪئي آهي. عبدالغني اياز پڻ جو سنڌ جي شڪارپور ضلع جي تعلقي ڳڙهي ياسين سان تعلق آهي هي علائقوهر دور ۾ مردم خيز رهيو آهي.

خاندان:

عبدالغني پڻ بزرگ گهراڻي مشهور "وفائي خاندان" جو فرد آهي. هن خاندان جا ڪيترائي عالم، خطيب، ليکڪ، بزرگ، شاعر، آخوند، ميان ميانجي ۽ خليفہ ٿي گذريا آهن. جن مان مشهور مولوي عبدالرحمن، ميان جي محمد عالم، آخوند مير محمد، هند سنڌ مشهور عالم دين، اديب، محقق ۽صحافي مولانا دين محمد وفائي ۽ سندس فرزند ارجمند عالم ۽ اديب خطيب ۽ صحافي علي نواز وفائي مشهورَ ٿي گذريا آهي.

جنم:

عبدالغني جو جنم ڳوٺ نبي آباد "ڪٽي ڪلهوڙا" تعلقو ڳڙهي ياسين ۾ سن ١٩٥۴-٢-١٧ع ۾ ٿيو. سندس والد بزرگوار مولوي فقير محمد محسن هِن جي پيدائش کان ٽي مهينا اول شهيد ٿي ويو هو ان ڪري يتيميءَ جي حالت ۾ڪيس سندس والده محترمہ عابده ۽ زاهده بيبي حليمہ خاتون سانديو ديني تعليم سان گڏ غني جي اخلاقي ۽

روحاني پرورش پڻ ڪئي. هن کي سنڀاليندڙ سندس وڏو ڀاءُ ميان عبدالغفور ڀٽي هو.

ننڍپڻ ۽ تعليم:

عبدالغني ڀٽي ننڍي هوندي کان ئي ذهين، ماٺيڻو سوچيندڙ دماغ وارو رهيو آهي. هن نماڻي ۽ نراس، سادي سودي، سچي ۽ کري، وعدي جي پڪي هر دل عزيز دوست جو گهڻو وقت پنهنجي والده جي خدمت ۾ گذريو. ننڍي هوندي کان ئي نماز پڙهندڙ مؤذن ۽ پيش نماز رهيو. هن جي ننڍپڻ لکڻ پڙهڻ، راڳ رنگ ۽ سوچ ويچار ۾ گذري آهي.

عبدالغني پرائمري تعليم ڳوٺ آرائين جي پرائمري اسڪول مان پرائي، جتي ڪيس ٻن صوفي منش استادن جهڙوڪ سائين نور حسين ڀٽو "صوفي" ۽ صوفي محمد پريل سومري جي صحبت نصيب ٿي. مذڪوره استادعبدالغني کان نعت ۽ ڪلام ٻڌندا هئا ۽ ڪيس انعام ڏيندا هئا. ساڳئي ڳوٺ جي "مدرسة الاهل حديث" ۾ مولانا عبدالله سومري کان قرئت سان قرآن شريف پڙهيائين ۽ ڪجهه حصو حفظ به ڪيائين ۽ استاد وٽان ڪجهه عربيءَ جي ڄاڻ به حاصل ڪيائين. مئٽرڪ جو امتحان مدڄي شهر جي گورنمينٽ هاءِ اسڪول مان سن 1971ع ۾ پاس ڪيائين ۽ وڌيڪ تعليم گورنمينٽ ايليمينٽري ڪاليج (مين) لاڙڪاڻي ۾ نوڪري دوران ايم. اي سنڌي ۽ ايم ايڊ پاس ڪيائين.

شاعريءَ جو شوق:

عبدالغني ڀٽي اياز کي ننڍي هوندي کان جهونگارڻ ۽ شاعري جو شوق جنون جي حد تائين هو. هن پهرين ڪافي 1970ع ۾ لکي

جڏهن هو نائين جماعت جو شاگرد هو. هن پنهجي ذوق شوق جي پورائي لاءِ پنهنجي استاد محترم نور حسين "صوفي" درازي ۽ آرائين جي ۽ سيد حڪيم حبيب الله شاهه "رنگي" سان صحبت اختيار ڪئي. سيدن جي مڪان تي روزانو راڳ ويراڳ جي محفل مچندي هئي. انهن راڳين مان سيد عبدالله شاهه، علي شاهه ۽ حسين شاهه بخاري جهونگاربندا هئا عبدالغني ٻه روزانو مڪان تي وڃي پنهنجا ۽ ٻين شاعرن جا ڪلام ڳائيندو هو. ان مڪان تي عارفاڻي ڪلام ٻڌڻ لاءِ ڪيترائي پڙهيل پرجهيل نوجوان اچي گڏ ٿيندا هئا. ان ماحول مان آهستي آهستي شاعرن، صحافين، سماجي ورڪرن ۽ ادب پرورن جي هڪ "سنگت" جڙي تيار ٿي. هن سنگت گڏجي "بيرنگ شاهه لئبريري" جو بنياد وڌو. هر روز، هر هفتي، هر سال شعر شاعري ۽ عارفاڻي ڪلام جون محفلون مچنديون هيون. جن مان ڪيترائي نوجوان متاثر ٿي شاعر، اديب ۽ صوفي ٿيا.

عبدالغني آرائين جي بزرگ صوفي شاعر سائين الهڏنو پٺو درازي جي خدمت ۾ به ويندو رهندو هو. سندن ڪافيون به ڳايائين، بزرگ محمد علي پٺو جي صحبت ۾ ويندو رهندو هو. ڪامريڊ فضلي پٺو به عبدالغني اياز پٺي کي پيار جي نظر سان ڏسندو هو. هن سنگت جي ملهايل ميلن ۾ جيڪي دوست دلچسپيءَ سان شرڪت ڪندا هئا. مان سائين نور حسين پٺو "صوفي" حڪيم سيد حبيب الله شاهه "رنگي"، محترم مقبول احمد مگريه، عبدالرئوف پٺي، حاجي منظور احمد مگريه، عبدالمجيد پٺي، محترم مقصود احمد مگريه، غلام سرور مگريه، انور علي ڪلهوڙو، منور علي مگريه، عبدالرشيد مگريو حاجن مگريو، اقبال حسين "اقبال" سعيد احمد پٺو، ماستر ڪليم الله پٺو

ڪري ان عشق جو ڪُلي ڪري اظهار نہ ڪري سگهيو ۽ عمر ڀر تائين اهو سور سيني ۾ سانڍيو تہ اچي. هن ڳجهي ۽ پُراسرار عشق عبدالغني اياز ڀٽيءَ کي هٽي جوڳي ۽ سامي بڻائي ڇڏيو اڄ تائين صوفي ۽ سادن سان صحبت اٿس.

مرشد:

عبدالغني جا ڏاڏا حضرت سلطان باهو جي گاديءَ جا مريد هئا، باقي عبدالغني جو والد مولوي محمد محسن ٻيڏل فقير جي گادي نشن عبدالڪريم فقير جو طالب هو.

عبدالغني ڀٽي سيد حڪيم حبيب الله شاه رنگي جي توصل سان سال 1978ع ۾ داتا بگن شاه جيلاني جو طالب ٿيو طالب ٿيڻ وقت ساڻس گڏ فقير منير احمد انڙ بہ طالب ٿيو. عبدالغني پنهنجي مرشد سان عشق ڪمايو ان محبت ۽ ادب ۽ سچائي ۽ وفائي جي ڪري ڪيس مرشد طرفان طريقت جو نالو "اياز" نصيب ٿيو. پنهنجي مرشد جي ڪنجڪ ۾ رهي ڪري سنڌ جي مڙوئي درگاهن ۽ عارفن جو ديدار ڪيائين. راتيون جاڳيو صوفين سان سير سفر ڪندو رهيو. جوڳ ڪمائيندي مرشد جي اهڙي نظر ٿيس جو بيخود بڻجي ويو جنهنڪري سال ڇهہ مهينا نظاري ۾ قيام ڪندي جهنگ جبل، مقام مڙهيون ۽ ويرانن ۾ سرگردان رهيو. ان کان پوءِ بہ مرشد جي نظر سان سالڪائيءَ ڏانهن وريو.

پنهنجي مرشد سان سير سفر ڪندي جن مشهور صوفي بزرگن جي زيارت ڪيائين انهن مان داتا ولايت علي شاه، مست مقيم، سيد ڪامل شاه ڪنڌ ڪوٺ، سيّد محيَ الدين اعجاز، رئيس دوست علي فقير، امام علي فقير، سيّد قطب علي شاه لونگاٽوي، سيّد

علي نواز شاه، سائين عطاالله (جهوڪ ميران پوري) سيّد چيزل شاه، سيّد صادق شاه، وريل فقير ابڙو ثاني، حضور سائين، سارنگ فقير جاگيراڻي، صوفي حاجي شاه ڏنو شاعر تراب سائين، فقير عبدالمالڪ بجاراڻي، قادن فقير تنيو سيد الهڏنو شاه، سيد عبد العلي شاه، موربو فقير مهيسر ۽ سخي قبول محمد درازي، همزة علي فقير مهر ۽ ڏولڻ فقير مهر انباهي.

پير سيد محي الدين اعجاز سان بہ صحبت رهيس. هڪ ڀيري اعجاز سائين جي محفل ۾ پنهنجو هي هيٺيون ڪلام پيش ڪيائين مثال:

"مليو مئخاني ۾ يار تہ ڪعبي ڪم ڪهڙو"

اعجاز سائين جواباً عرض ۾ هي هيٺيون ڪلام لکي عبدالغني جي حوالي ڪيو.

"اڄ ڀايان هي مئخانن برابر بيت الله"

مشغلا:

عبدالغني اياز ٻٽي ننڍي هوندي کان فڪرمند طبيعيت وارو آهي سندس گهڻو وقت لکڻ پڙهڻ، شعروشاعري، راڳ رنگ ۽ تحقيق جي ڪم ۾ گذريو آهي.

ترانسپورٽ جي نوڪري:

عبدالغني اياز ٻٽيءَ کي پنهنجي وڏي ڀاءُ عبدالرئوف ٻٽيءَ سن 1974ع ۾ گورنمينٽ ٽرانسپورٽ سروس سکر ڊپو ۾ جونيئر ڪلارڪي وٺي ڏني. ان نوڪري وسيلي ڪراچي وڃي اتان ميرپور خاص ڊپوءَ ۾ بدلي ٿي ويس. ميرپور خاص ۾ نوڪري دوران ٽيبا قبيلي

جا ڪجهه نوجوان هن جا دوست بڻيا جن جا وڏا اڳ ۾ ئي پُرجهيل شاعر راڳي ۽ موسيقار هئا. جن مان ڪامريڊ محمد صديق ٽيبو وڏيرو موليڏنو ٽيبو عبدالستار ۽ عبدالحميد ٽيبو وڏيرو احمد خان ۽ فقير محمد ابراهيم نور محمد ٽيبو نمايان هئا. ڪامريڊ محمد صديق ٽيبو ڪان تار گُر سکيائين. ننڍن نوجوانن مان جيڪي عبدالغني جا صحبتي ٿيا انهن مان محترم فتح محمد شهزاد ٽيبو محمد عمر عادل ٽيبو غلام مصطفيٰ حافظ ٽيبو محمد رفيق ٽيبو عبدالغفور "عابد" ٽيبو مير محمد مير ٽيبو ۽ عباس علي ٽيبو سليم ۽ شفيع ٽيبو وغيره جن مان ڪي شاعر ته ڪي اديب ٿي نروار ٿيا.

ڳوٺ مير محمد ٽيبي تعلقو ٽنڊو الهيار ۾ رهاڻيون ڪندي سُٺي شاعر ظهير الدين "بابر" لغاري ۽ ان جي وڏن بزرگن مان علامه عبدالڪريم لغاري اديب ۽ محقق ۽ عالم دين جي زيارت ڪيائين.

جيئن ته ڳوٺ مير محمد ٽيبي ۾ هر هفتي راڳ رنگ جي محفل ٿيندي هئي، انهن محفلن دوران مشهور راڳي غلام قادر لنجواڻي، دين محمد ڪارو شادي فقير ۽ مشهور راڳي شفيع فقير ۽ بين سان رهاڻيون ٿيس.

عبدالغني اياز ۽ سندس ياءُ عبدالرئوف يتي ٽنڊي الهيار تعلقي جي درس دوستن سان به ملڻ ويندا آهن. مرحوم دوست محد درس ۽ مرحوم غلام مصطفيٰ درس جي پونئرن مان جن سان نيازمندي رهندي آئي آهيس اهي هي آهن: محمد احسان درس، قادر بخش درس، نياز علي، اعجاز درس نيڪ محمد درس، محمد اسماعيل، محمد سليم. شمس الدين درس، مرحوم حسن درس ۽ سندس وڏو ياءُ فياض علي درس ۽ فرزند محمد علي درس.

هڪ ڏينهن فيض بخشاپوري بہ پريس ۾ آيو تہ عبدالغني سندس سٺي خاطر تواضع ڪئي، ان ادب ۽ احترام ڪري "غالب سنڌ" غني ڪان متاثر ٿيندي هي لفظ چيا.

"غني آخر غني آهي"

ريڊيو پاڪستان ڪراچي:

ڪراچي ۾ رهڻ دوران ريڊيو پاڪستان تان پروگرام ڪرڻ لڳو. پروڊيوسر جهانگير قريشي متعارف ڪرايس جڏهن تہ پروگرام مئنيجر عنايت بلوچ هو. ريڊيو ڪراچي جي مشهور پروگرام "اڄ جا فنڪار" ۾ ڳايائين جتي محمد جمن، سليمان شاه، عبدالله ڪڇي، عبدالله پنوهر ۽ ٻين ڪيترن فنڪارن سان ڪم ڪيائين. ريڊيو جي مشهور ڪمپوزر محمد حسن جو شاگرد ٿيو جنهن ڪيس بچل خان ۽ ٻين وڏن سازندن سان ڳائڻ جا گر سيکاريا. ان وقت ريڊيو پاڪستان ڪراچيءَ جا ڪيترائي مشهور سينيئر ۽ جونيئر پروڊيوسر، انهن مان شيخ محمد ابراهيم، غلام حسين شيخ، نثار صاحب ميمڻ، محمد علي ٻانيڻ ۽ ڪوثر ٻرڙو ۽ ٻين ڪيترن سان صحبت رهيس.

پاڪستان ٽيليويزن ڪراچي سينٽر:

عبدالغني ڪراچي ٽي وي تي پنهنجي ياءَ رئوف جي توصل سان ويو. جتي پهريون پروگرام اعجاز عليم عقيلي صاحب ڪرايس ان ڪان پوءِ مسلسل ٽي وي پروگرام ڪندو رهيو آهي. پي ٽي وي جي جنرل ميئنجر عبدالڪريم بلوچ، سميع بلوچ، محترم اقبال سعيد انصاري، بادل جمالي، قربان چنا ۽ ٻين پروديوسرن جي هٿ هيٺ سنڌي پروگرام ڳايا اٿائين. پي ٽي وي تي ڪيترن موسيقارن ۽ ڳوين

سان مليو جن مان ظفر علي خان، محمود علي خان ۽ سندن والد بزرگوار قدرت الله خان جا بہ ھٽ چميائين. موسيقار خان صاحب فتح علي خان مرحوم، مهدي حسن، ملڪ موسيقي روشن آرا بيگم، مهناز بيگم، منظور علي خان فتح علي خان ۽ ٻيا...

آرٽس ڪائونسل آف پاڪستان ڪراچيءَ ۾ محمد جمن، وحيد علي، جلال چانڊيو ۽ ٻين سان پروگرام ڳايائين. اسٽيل ٽائون ۾ هڪ محفل ۾ منظور سخيراڻي، مشهور فقير عبدالغفور ڏول فقير امير علي سان پروگرام ڳايائين.

شاه ولايت سنگيت ڪلب نئون ديرو:

جيئن تہ عبدالغني اياز ۽ پنهنجي مهرم علي ڪوري جي دوستي جي ڪري نئون ديرو شهر ۾ ايندو ويندو رهندو هيو. جڏهن گهٽ ماڻهن سان ڏيڍ ويهہ ٽيهہ ۽ نئون ديري ۾ راڳ جو ڪال هجڻ ڪري ”شاه ولايت سنگيت ڪلب“، کوليائين جتي ڪيترائي ذوقين اچي گڏ ٿيا.

عبدالغني هتي جيڪي شاگرد پيدا ڪيا انهن مان مرحوم مريد عباس، واجد ۽ پنهنجي شمن علي ڪوري، انور علي ڪوري ۽ ٻيا. سندس شاگرد مريد عباس بہ شاگرد ڪيا جن مان غلام علي سمون ۽ عبداللطيف قاضي نمايان آهن.

نئون ديري ۾ رهڻ دوران عبدالغني اياز ۽ پنهنجي جي مرحوم ۽ محترم منٺار سولنگي ۽ اياز جاني سان ملاقات ٿي وئي تہ گهاٽا دوست بڻجي ويا. نئون ديرو جي ادبي محفل ۾ عبدالغفار تبسم ۽ عبدالغني هوندا آهن تہ تبسم صاحب کي پنهنجي صاحب ۽ عبدالغني کي صرف پنهنجي ڪري سڏيو ويندو آهي.

منٺار سولنگي جي صحبت ۽ محبت جي ڪري سنڌي ادبي سنگت نئوديرو جي مشاعرن ۽ محفلن ۾ ڀرپور نموني شرڪت ڪيائين. جن ۾ وڏن شاعرن جهڙوڪ: استاد بخاري، وفا ناٿن شاهي، احمد خان مدهوش، آثم ناٿن شاهي ۽ ٻيا ڪيترائي، نوجوانن مان يوسف سنڌي، تاج جويو ۽ ڪيترن ئي شاعرن سان ملاقاتون ٿيون.

سنڌي ادبي سنگت نئوديرو جي جن ميمبرن، دوستن ۽ منٺار سولنگي جي مائٽن مان جن سان صحبتون ۽ محبتون محفلون رهيون اٿس انهن مان محترم عبداللطيف صاحب ڪرٽيو امام راشدي، منظور منگي، سڪندر شاه راشدي، احمد بخش ڪٽپر، اسدالله ۽ عبيدالله ڪٽپر، عبدالغفار تبسم، عبداللطيف سولنگي، مهتاب سولنگي، ڪاشف سولنگي ۽ بزرگ شاعر محمد علي پناڻ، چام جمالي، حسين بخش ناريجو ۽ ٻيا صاحب.

سنڌي ادبي سنگت مدئجي شاخ:

منٺار سولنگي جي توصل سان جڏهن مدئجي شاخ ڪلي تـ عبدالغني بـ ميمبر ٿيو ۽ سيڪريٽري ٿي رهيو. ادبي سنگت مدئجي ۾ جن شاعر، اديب ۽ صحافي دوستن سان گڏ رهڻ ٿيس انهن مان هي نالا آهن.

سيد مهدي شاه فياضي، عاشق شيخ، سيد عابد شاه. سيد گل حسن شاه، آغا محسن، محترم مقصود احمد مڱريو آغا عاطف دراني، جاويد جوکيو منظور احمد اڄڻ، نبن اڄڻ، علي احمد ۽ ولي احمد سومرو طاهر عباس، عبدالرحمان سهتو ۽ ٻيا.

مهدي شاه فياضي جي توصل سان ڏکڻ ادبي سنگت جي جن

دوستن سان گڏ محفلون ۾ شاعري ڪيائين انهن مان نمايان شاعر مشتاق بخاري، سيد سلطان بخاري، محبت علي شاه، عبدالجبار عيساڻي، زخمي چانڊيو سيد سڪندر شاه بوعلي ۽ اشرف زمان پيرچندامي ۽ ٻيا.

رتوديرو:

عبدالغني ٻٽي ٻٽاواند رتوديرو ۾ فقير محمد عرس ٻٽو ۽ فقير قمرالدين ٻٽو جي دوستي جي ڪري رتيديري جي شاعرن، اديبن ۽ سگهڙن سان ملاقاتون ڪيون. انهن مان بزرگ شاعر اعظم عباسي، خانڻ فقير شرناءِ نواز، غلام شبير سمون ۽ مشتاق سمون، ملهار سنڌي، ساجد جوڻيجو، راجا شاه، گدا حسين فقير، فقير لطف علي دايو منور حسين ۽ مظفر حسين دايو مختيار گهمرو ۽ بزرگ شاعر قاضي مقصود گل ۽ سگهڙ صوفي محمد بُخش مداري ۽ ارشاد علي جاگيراڻي سان نياز مندي رهيس.

شڪارپور:

عبدالغني شڪارپور ۾ مگرين صاحبن وٽ ويندو هو. ان دوران شمن علي ميرالي،همت علي ميرالي، فقير ارشاد درازي، راڳي، عبدالغفور سومرو، شمن فقير سومرو استاد وريل داس، سماڌا آشرم وارو بسنت لال مدئجوي، بشير بڪيجو قاصر نواز ۽ مشهور گويي عبدالرزاق شاه جي فرزند ظفر علي شاه ۽ ٻين سان نياز مندي رهيس.

ٻي نوڪري ميوزڪ ٽيچر، گورنمينٽ ايليمينٽري ڪاليج (مين) لاڙڪاڻو:

عبدالغني ٻٽي کي هي نوڪري محترم منظور حسين ٻٽو پنهنجي وڏي ڀاءُ سائين نور حسين "صوفي" ٻٽو جي سفارش تي ڏني.

سن 1990ع ۾ گورنمينٽ پائلٽ پروجيڪٽ اسڪول سکر ۾ ميوزڪ ٽيچر تي پرتي ٿيو. سال 1994ع ۾ سکر کان بدلي ٿي گورنمينٽ ايليمينٽري ڪاليج (مين) لاڙڪاڻي ۾ ڊيوٽي ڪرڻ لڳو آهي. سکر ۽ لاڙڪاڻي ۾ جيڪي اسٽاف ميمبر دوست ٿيس انهن مان محترم پروفيسر عبدالغفار سيال، پرنسپال مقصود احمد سهتو، پروفيسر منٺار علي پٺو پرنسپال غلام النبي عباسي، پروفيسر محمد وارث ڀوڪ، ليڪچرر غلام شبير ڪلهوڙو صاحب ۽ جن استادن کيس بي ايڊ پڙهائي انهن مان پروفيسر سڪندر عباسي ۽ پروفيسر عبدالرسول چانڊيو سان نياز مندي رهيس.

شهر نما ڳوٺ رشيد وڳڻ:

هن ڳوٺ ۾ عبدالغني مرشد پائي فقيرن سان ٻه ملڻ جلڻ ويندو رهندو آهي. سائين جي فقيرن مان جن شاعرن ۽ راڳي دوستن سان ويجهڙائي اٿس انهن مان مور فقير شيخ، بخشل فقير شيخ، چاچو باشن فقير، برڪت فقير، رياض علي، درگاهي فقير محمد حسن راز، اربيلو فقير، قادن فقير، اعظم ابڙو ڳوٺ جو چڱو مڙس علي گوهر خان شيخ، محمد حنيف شيخ، ارباب علي فقير شيخ ۽ ٻيا.

ٻيڙو چانڊيو:

لاڙڪاڻي ۾ رهڻ دوران عبدالغني اياز علمي ادبي لحاظ کان مشهور شهر ٻيڙو چانڊيو ۾ ويندو رهندو آهي. جتي سائين ٻگن شاه جي فقيرن مان فقير انور علي سومرو، سائين گل محمد چانڊيو، اڏامڪ فقير نوجوان شاعر ۽ راڳي رفيق احمد سومرو، فقير شفيق احمد سومرو جن سان نياز مندي اٿس. فقير انور ۽ سائين گل محمد

چانڊيو جي توصل سان مشهور صوفي بزرگن فقير گل محمد خان ڳورڙ فقير علي محمد ڳورڙ جن سان فقير وريل ابڙو جي ميلن دوران رهاڻيون رس ڪيائين. هينئر فقير صوفي علي محمد سائين ڳورڙ جي نوجوان فرزند صوفي عطاء الحسنين ڳورڙ سان بہ ويجهڙائي اٿس.

هن شهر جي علمي ادبي گهراڻي جي بهترين شاعر سائين نظام الدين ناظم چانڊيو سان ملاقاتون ڪيائين ۽ سندن نندن مان عبدالله اثر "دوئم" سائين عبدالڪريم چانڊيو، ڊاڪٽر احمد علي چانڊيو، مسعود احمد، خليل احمد، شڪيل احمد چانڊيو امجد علي امجد چانڊيو جميل احمد جميل ۽ اختر سولنگي ۽ ٻين سان محفلن ۽ مشاعرن وسيلي ملندو رهندو آهي.

درگاهہ فقير محمد هدايت علي تارڪ نجفي:

عبدالغني درگاه تارڪ فقير تي هر مهيني حاضري ڀريندو آهي. جتي اڳوڻو گادي نشين قادن فقير ڏنائين، هاڻوڪو گادي نشين سيد الهڏنو شاه، ماستر احمد علي چانڊيو استاد محمد عثمان مغيري، شبير احمد خان وڳڻ، درمحمد فقير ٻُٽ، منٺار فقير، خدابخش مغيري، جبل فقير، الطاف تنيو ۽ افروز احمد ڪيهر، عبدالغفار چولياڻي، وزير سائين ۽ ٻين ڪيترن اهل ذوق، شاعرن ۽ راڳي فقيرن سان رهاڻيون ڪندو رهي ٿو.

لاڙڪاڻو:

عبدالغني جا لاڙڪاڻي ۾ ڪيترائي شاعر، صوفي بزرگ، اهل ذوق دوست ۽ محبتي آهن، تن مان سائين فقير غلام الرسول قريشي مرحوم، فقير فيض محمد سانگي، سائين لياقت علي پليجو

عبدالرزاق کهڙو سرور سالم سومرو، ساغر ابڙو، مشتاق ابڙو، ڪاظم شاهہ، صفدر حسين قادري، حسين بخش ڪوسو، فقير گدا حسين گاد، روشن فقير سومرو، فقير فرحان سرهيو ۽ ٻين ڪيترن ئي صحبتي دوستن مان واجد جاگيراڻي، عرفان جاگيراڻي، علي رضا چولياڻي.

عبدالغني هن وقت بہ لاڙڪاڻي ۾ ڀرپور زندگي گذاري رهيو آهي. شاهہ فيض سنگيت ڪلب ڪوليائين. ڪيترائي نوجوان موسيقي جا شاگرد ٿيا آهن انهن مان عبدالوحيد ناريجو، ماڻم شيخ، وحيد نواز شيخ، درگاهي فقير شيخ، برڪت علي شيخ، شاهد علي لاڪو، رضوان ڪوڪر، منصور علي حَبُ قائم علي ابڙو، حاتم شيخ، نظام الدين ميربحر، آصف جوڻيجو ۽ فوجي بهار علي جمالي.

هن وقت:

عبدالغني اياز پٽي هن وقت ايليمينٽري ڪاليج ۾ ميوزڪ ٽيچري ڪري رهيو آهي. سندس عمر 58سال آهي.

- آرٽس ڪائونسل آف پاڪستان لاڙڪاڻو جو ميمبر آهي.
- حضرت حسين بن منصور جو ساليانو عرس بہ ملهائيندو آهي.

عبدالغني اياز پٽي جو ڪلام جن فنڪارن ۽ فقرائن ڳايو آهي، اهي هي آهن.

- سهراب فقير
- شمن علي ميرالي
- سڪندر سرگاٽي
- اڪبر علي "دايل"
- منصور علي پٽي

- درگاهي فقير
- قائم علي ابڙو
- نبي بخش چانديو جگر جلال
- ممتاز علي لاهوتي، غلام اڪبر سومرو

عبدالغني اياز ڀٽي جي دلي دوست منٺار سولنگي ڪيس بيتن جي پيتا هيٺين طرح ڏني آهي.

ڀٽيءَ ڪي پيتا

غني آگرنار اصل آدمين ۾
تڏهن تہ ساڻس پيار آهي هن منٺار جو

❋

غني آگرنار جوڳي پورب پارجو
چڏي هي سنسار هليو هو هنلاج ڏي

❋

غني جي گفتار ۾ سموروئي سچ
ڪونهي ٻيو ڪج، لحظي ۾ لطيف جي

❋

غني تنهنجي راڳ ۾ آهن ڪي اسرار
جنهن جي سُرهي سار رهندي آهي رات ڏينهن

❋

ڀٽي منهنجا ياءِ ڇو ٿو رهين ڏور
شايد آن مجبور پاپي هن سنسار ڪان

ادبي خدمتون:

عبدالغني يٽي هن وقت داتا بگن شاه اڪيڊمي جو سربراه آهي. هن جيڪي ڪتاب ترتيب ڏئي ڇپائي پڌرا ڪيا آهن اُهي هي آهن.

1. ”ديس ۽ ويس“ غلام حيد گجر جا گفتا سن 1984ع
2. ٽانڊا گل غبار ڇاپو پهريون عبدالغني جي آزاد شاعري سن 1991ع
3. ”عشق ڪيو آباد“ داتا بگن شاه جو صوفيانو ڪلام سن 2000ع
4. قلندري خطاب. داتا فيض درياه جو ڪلام سن 2002ع
5. ”ڍولاماهي آ“ داتا ولايت علي شاه جو سرائڪي ڪلام سن 2004ع
6. فقير راضي الله راضي - تارڪ فقير جون ڇپيل مشهور ڪافيون سن 2005ع
7. ”آباد عشق انباه“ ڇاپو ٻيو (پهريان عشق ڪيو آباد) سن 2010ع
8. سلسليوار ماهنامو ”مومل سنڌ“.

اڻڇپيل مواد

1. ڪتيءَ جي خوشبوءِ (پنهنجي ڳوٺ جون ڳالهيون)
2. حافظ نيڪ محمد فضلي جي ڊائري
3. هندو مذهب جي چارٽ (ترجمو)
4. سيَد ۽ سِڪَ (ترجمو)
5. پرين جا پيغام اديبن ۽ شاعرن دوستن جا خط

(ادارو)

(داتا ڏيو دارُون)

داتا ڏيو دارون، سباجها سائين،
دردیلن جي دلڙي، ڦُٽي ٽيُ ڦارون،
سچڻ لھُہ سارون، غمن ۾ غني چوي.

☆

داتا ڏيو دانُ، سباجها سپرين،
لاھجُ لحظي ۾ خوديءَ جو خفقان،
عشق کر آسان، غمن ۾ غني جو.

☆

داتا کر آباد، سباجها سپرين،
دلئون دوئي نکري فتنوءِ فسادُ،
عُمِر وئي افرادُ، غمن ۾ غني چوي.

☆

داتا ڏي تون ڏاڻ، دردیلن جي دل کي،
حرص، حسد هَوَس جو شِر وجي شيطان،
بگن شاه بخش تون، محبت جو مھراڻ،
سدا رهج ساڻ، غمن ۾ غني چوي.

☆

داتا ڏيج دوا، جو ٺئي ھڪائي ھيڪُ،
ڇورو آپ زوزو، ڇنل آھيان ڇيڪَ،
نظر ڪج ڪا نيڪ، وڃن غم غني چوي.

☆

سائين ڪيو صفا، ڪريل ھيءَ خيال،
ھستي ھوڙ ھوڙ جو، وڏي ويو وبال،
محبت ڇڻ مري وئي، ڀيو قرب جو ڪال،
لھ ڪا سار سنڀار، وڃن غم غني چوي.

☆

پرين ڳرِ پاڪُ، منھنجي لات لِسان،
ڳُڻن ڀريو ڳالھيان، محبت لھان مان،
الفت ٺيم ايمان، پرمُ رھجي پٺيءَ جو.

رکج لج لطيف

رکج لج لطيف پنھنجي نالي نانوَ جي،
منھنجي حال حبيب، ڪر سڻايون سيّدا.

☆

رکج لج لطيف تون مولا معذورين،
لاھج قيد قريب تون، باالله باندين،
الله لطيف خبير، ويران ڪر ويرين.

☆

لال لطيف لج، رکج پنھنجي نانوَ جي،
ساٽيھ منجھ سھج، سگھو ڪر تون سيّدا.

☆

تار طُفيلي پنهنجي هادي مون حبيب،
اسم پنهنجي سين عجيب، لاهج دونهان دل تان.

☆

لاهي دونهان دل تان، فتح ڏي فرحت،
مدّعي سيئي مات ڪري، جاني ڪر جرئت،
سيّد تنهنجي صحبت، ترهو ٿيندو تار ۾.

☆

تون ئي سيد سنڌ جو تون ئي لالن لال،
پيري ڪر ڪو پال، هيڻن جو همراهہ ٿي.

☆

آهي لال لطيف جو ساري لوڪ لقاءَ،
برهہ آهي بقاء، سيد سندي سڪ جو.

☆

منهنجو لال لطيف تون، منهنجو تون مقصود،
سدا حق موجود، لوڪ لقاءُ لطيف جو.

وحدت نامو "سِرَ ڏني سائين مِلي"

سِر ڏني جي سائين ملي، اهو سودو آ سولو،
هونئن بہ جت ڪٿ جانب آهي عبديت اولو،
پئہ نہ ڪو پولو، غازين کي "غني" چوي.

☆

غازين کي غني چوي نہ اچي غير نظر،
وتواصو بالحق وتواصو بالصبر، تن پرين جي پچر،
آڏي توڙي عصر، غني گم الله ۾.

چَـرِي نــاهہ چَـرِي، چـري چـاهہ ڪـيـو،
ٻـري آهـي ٻَـرِي، پـريـن سـنـدي پُـور ۾.

☆

چري ناهي چَٽُ، چوٽ ڪئي آ چَٽُ،
ڏک وينا ڏيل ۾، غني گهڙي گهٽ،
ويچاريءَ ڪي وَٽَ، سورن جا سرير ۾.

(همہ چئي همت سان)

همہ چئي همت سان، چڙهيا جيڪي چوٽ،
ڪفر ۽ ڪلفت جا ڪيري وڏائون ڪوٽ،
ذاتي وچي ذات ٿيا، غازي غني گهوٽ،
عشق ڪري اوٽ، لاحد ڪان لنگهندا ويا.

☆

لاحد ڪان لنگهندي، ڏٺائون حيرت واري حد،
نڪي اُت اياز هو، نڪي محمود مَد،
نڪا سرت نہ سُڌ، غيبي وچي غيب ٿيا.

☆

غيبي وچي غيب ٿيا، همه واري هُل ۾،
اُنهي ملڪ جي اياز چئي، آهي بات عجيب،
عامن آهي عيب، پر لاهوتي لقاءَ ۾.

☆

لاهوتين لقاء ۾، پنهنجو پسيو پاڻ،
پاڻ ڪيائون ساڻ، ٻن ڏٺائون ٻيائي ڪي.

معراج نامو

مَردن ڪيو معراج، بنا براقن،
حورون حيرت ۾ رهيون، ماٺ لڳي ملڪن،
توڙي خلل پيو خلقن، ته به جوڏا جوانا ٿيا.

☆

جوڏا جوانا ٿيا، ڪري هاشمي حال،
ڪنهن نه لهر لوڏيا، بيحد رهيا بحال،
ونحن اقرب ويجهڙو، وينا منجهه وصال،
ڪري قرب ڪمال، عابد مان معبود ٿيا.

☆

عابد مان معبود ٿيا، ٿي مُدامي محويت،
محمود ماڻي مٿي ٿيا، اياز سي الوهيت،
واپاري وحدت، گم ٿي ويا غيب ۾.

☆

گم ٿيا غيب ۾، ڳَل نه تن ڪاءِ،
ڪنت ڪنزا مخفياً، ساڳي جهليائون جاءِ،
لالڻ جي ئي لاءِ، لعل لڪي لعل ٿيا.

☆

آدم ۾ الله ڪي ڳولهي ٿا لهن،
انهيءَ ملڪ عجيب جي، ٻولي ٿا ٻولن،
سر مٿي سَهن، الوهيت عشق جي.

☆

(عاشقن جو اوج)

عاشقن جي اوج جي، سُوريءَ کي پئي سُڌِ،
ٿي پئي اڌو اڌ، ڦندا خود ڦاسي پيا.

☆

سوريءَ چا مجال جو عاشقن اڌ ڪري،
همه سندي حال، عاشقن کي اظهار ڪيو.

☆

عاشقن بخشو اوج، سوريءَ کي سينگارجو
پَسي محمّدي موج، ڪات ڪُل ڪنبي ويا.

☆

ڪات ڪُل ڪنبي ويا، پسي سِرُ سلطان،
مَٿي ڪيو مانُ، سالڪن سوريءَ جو.

☆

سوري ٿي سهڪي، اڳيان عاشقن جي،
عاشق اُتِ مهڪي، پسي موج محمدي.

☆

ڏسي جذبو جوان، جو ترارن ڇڏيو تاءُ،
گهرو لڳن گهاءُ، ڏارون تن ديجي ويون.

☆

واڍوڙين وڍي ڪيئن، اڏي ۾ ڪات،
هُوا اڳهين گهات، همه واري حال ۾.

☆

پيتي محبتي مَڌ، متا متارا ٿيا،
ڪُنل سندي ڪنڌ، ڪات ڪُل ڪُهي وڌا.

☆

عاشق اجل سامها، اجل ڪئي آزي،
تڏهن ٿيا راضي، جڏهن موت مات ٿيو.

☆

عشق هي دود درياهہ، آهي آڳ آڙاهہ جو،
سورهين سندي ساهہ، سارو درد ڏيائيو.

☆

ڀڳت بڳن شاهہ جا، اٿن ويل عصر،
پهريون پوڄا ڪن پريم جي، پيالا پُر پين،
تنهان پوءِ ڪڻن، ساز سرود سڪ سان.

☆

ڀڳت بڳن شاهہ جا، پهرين پهر پَوَنِ،
تاري ايري طلب جي ترتئون تنوار ڪن،
تنهن ڪانپو ڳائن، ڀڳتي داتا ڀڳوان جي.

☆

عشق لڳو آمين ڪيم، ٿيا گل گلزار،
بيخودي ۾ بڳن شاهہ جي لڳي تار تنوار،
اياز ٿيو اعتبار، عشق جي امانت جو.

☆

عشــق لڳــو آمــين كــيمر، ويــا ڏک ڏولا،
بــيــخــوديءَ ۾ بــگــن شــاهــہ، لاٿــا ﭘَــوَ ﭘــولا،
اڃــي اڄ اولا، لاٿــا عشــق عــبــديءَ جــا.

☆

عبديت جا اولا ويا، رهيو عشق الاهي،
مرشد مون کي مامر ڏني، سب دن ويکيا ماهي،
وارث ٿيو واهي، عشق ۾ عيدون ٿيون.

☆

عشق ۾ عيدون ٿيون، ٿيا شاهانہ شغل،
ظاهر باطن ذات ظهورو، انا الحق جا هُل،
کُلي پيا کُل، عبديءَ جا اياز چئي.

☆

رک تون شوق شتاب، الله واري عشق جو،
وجائج وجود ۾، ربوبي سو رباب،
تہ برهہ وارو باب، منجهان ئي منجهہ پڙهين.

(پڳت بگڻ شاهہ جا)

بــگــڻ شــاهــ جــا، اٿــن ويــل عصــر،
پهريون پوڄا ڪن پريم جي، پيالا پُر پيئن،
تــنـهـان پوءِ ڪـٽـڻ، ســاز سرود ســڪ سـان.

☆

پڳت بگن شاهہ جا، پهرين پهر پَوَنِ،
تاري ايري طلب جي ترتئون تنوار ڪن،
تنهن ڪانپوءِ ڳائن، پڳتي داتا پڳوان جي.

☆

بوعلي جي برهہ کي، گلشن ئي ڇاٽي،
اُٿي عصر ويل جو، سُکو ويٺو ڇاٽي،
نينگر نماٽي، مٿي آيو وڏو مامرو.

☆

بوعلي بگن بنايس، نہ تہ آهي سڪندر شاهہ،
ڳائي راڳ عصر جا، جو ڀاڳي ڏنس بادشاهہ،
وهواهہ ۽ وهواهہ، جو آهي ويراڳي عصر جو.

☆

پهرين پهر سيڪو ڇئي، هي ويل صبح ڳائي،
وهواهہ ڪري وهاڳ سان، چمڪو چير وڄائي،
گلشن فقير بہ آهي، جو ڊولڪ مٿي ڏڳ ٽيو.

☆

پهرين پهر هرڪو چوي، هي ٽولي ٽي وڳين،
ويٺا ڳائن آسائون، ٻجي تائين اٿين،
ويهي جي وٺين، مزو محبت عشق جو.

”قول اقرار“

ڪيم جيڪي قول، سي پاڙيم نہ پرين سين،
قالو بليٰ جي قرب جا، پڌل هئام ٻول،
پُليس آئون پول، وساريم وصال کي.

☆

وساريم وصال، گهمندي ڏينهن غني چوي،
ڪيم شوق شر جا، اَجائِيا اعمال،
ڪل نفس ذائقة الموت، منهنجو مرڪ مجال،
دوئي واري دَجالَ، ڦيرايو فهم کان.

☆

دوئي دور ڪيومِ، مونکان منهنجو سپرين،
هُو نحن اقرب اوڏڙو پتو ڪين پيومِ،
ڪٺي وهم وٻومِ ڪرين سندي ڪير ڏي.

☆

آيلِ لگو واءُ، ڪرين سَندي ڪير جو،
غفلت جو غني چوي، ڏُئي هنيو داءُ،
سورن سندو ساءُ، چکڻو پيو چت کي.

"سُرڪليانڻ"

تون صاحب تون سائين، سڀاجهو ستار،
الحمدالله رب العالمين، ساراھ تنهنجي سار،
شڪر ڪريان ٿو ڪوڙئين، جو آهين تون آڌار،
ڏول تنهنجي ڏار، "غني" گهاريان ڏينهڙا.

تون صاحب تون سائين، اعليٰ عين الله،
ميٺ مدايون منهنجون، ڪارڻ محمد شاھ،
والي ناهي واھ، گندي هن "غنيءَ" جي.

تون صاحب تون سائين، تون رازق تون رحمان،
ڪن فيڪون جي قرب سان، جوڙيئي سڀ جهان،
عرش زمين سمنڊ سيئي، ساري پڙهن سبحان،
پڪي پڪڙ جيت جٽا، ماڻهو والمر جان،
ڏنو پنهنجي ذات سان تو منيءَ وڏو مان،
ان پر آهي ايمان، عاجز "عبدالغني" جو.

تون صاحب تون سائين، مالڪ تون ئي مڙين،
ٻاجهارا ٻاجهه ڪر ٻيلي مٿان ٻانهن،
ڌارين وانگي ڌار ٿيا، مٿي نه مائٽن،
ننڍين مان نياز وبو ويچو ڪيو وڏن،
دوست پنهنجي دوست ڪي ويري ٿي ويڙن،
ڏج ڪا ذات ڏڏن، عاجز "عبدالغني" چئي.

"سر مومل راڻو"

راڻي جي رهاڻ، ڪنهن دم وسري ڪين ڪي،
سِڪڻ سُڪ وڃايو، برهه ڏني ٿم ياڻ،
تن اندر ۾ تاڻ، آهي من مون ميندرا.

هڪ ڪاڪ پيون ڪارُون، ڪاري رات ڪنل جون،
راڻي جي ريجهه جون، تن اندر تارون،
سوڍل جون سارون، مومل سدا من ۾.

تون صاحب تون سوڍل، تون راڻن جو راڻو
مومل ڪي ماڻو، ماري تنهنجو ميندرا.

تون صاحب تون سلطان، تون سندو مومل وَرُ،
وَرَ مُئيءَ ڏي وَرُ ڪاهي اچ ڪاڪ تي.

ڪاهي اچج ڪاڪ تي، چڙهي متان چانگي،
تارا ڪتيون تاراج ٿيا، تن توڏانهن تانگهي،
محبت تنهنجي ميندرا، مومل ٿي مانگي،
سوڍل ڪنهن سانگي. سُڌِ لهي وج سُور جي.

ٻانهيءَ تي ٻاجهه ڪري، ڍوليا مون ڪي ڏِکِ،
تو ريءَ سب ترڪ، مومل ڪيا مامرا.

"سُر ڪانگل"

ڪانگُ قريبن هٿ ڪيو مون يگانيءَ جو يارُ،
آءٌ اڪيلي آهيان، باري برهہ جو بارُ،
منهنجو غمگسار، ورهين وريو ڪين ڪي.

ڪانگ قريبن هٿ ڪيو منهنجي عشق جي اوٽ،
شايد خطن ڪوٽ، آهِ پرينءَ جي پار ڏي.

ڏيو محب مُنجي، منهنجو ڪارڙو ڪانگو،
پرين تنهنجي ڏيهہ ۾، سهٽل بي سانگو،
برهہ سندو بانگو مون کي موٽائي ڏيو.

ڏيو محب منجي، منهنجو ڪارڙو قاري،
پکي پرڏيهي ڏسي، متان ماري ڪو ماري،
هئي هئي مون هاري، پکي بنا دلڙي.

ڪانگ قريبن هٿ ڪيو خطڙو ڪير ڪٽي،
نئي سج نوان سور ٿيا، ٿو برهہ روز بٽي،
عشق جي اٽي، 'غنيءَ' وڌو غمن ۾.

ڪانگ قريبن هٿ ڪيو مان ڪنهن سان سُور سليان،
جهليو ڪيئن جهليان، ڏيلئون ڏک نہ نڪري.

ڪانگ قريبن هٿ ڪيو آءٌ مران مونجهاري،
وري وريو ڪينڪي، ڇڏيس دلبر ڏتاري،
'غني' ڪيئن گهاري، ڏکيا ڏينهن فراق جا.

گهڻين ڏينهين نہ وريو پرين پکيئڙو
پاس تنهن پرينءَ جي، هوندو خوب ڪڙو
جانب جوڳيئڙو شل وَرَ سوڏو وري اچي.

”سُر بسنت“

آئي رُتِ بَسنت جي، گُلن جنسون کوڙ
سرديءَ لاٿي سوڙهہ، ڦُٽي چيٽ چرهو ٿيو.

ڦٽي چيٽ چرهو ٿيو، ٿي روحن کي راحت،
گل ۽ پؤنري باغ ۾، ملي کئي محبت،
پرين کي پارت، هِن مُند جي هڳاءَ جي.

بازر بسنت جي ڏسي، پنورا ٿيا بيخود،
پون يون لڳي باغ ۾، سُرت چڏيائون سُڌِ،
مُرکي پيئِن مَڌَ، رس رسيلي رُتِ جي.

چوڏس چَمن ۾ ڏسو پنورن جي پُڙ پُڙ،
اندر ۾ اڙ تڙ، رس رسيلي رُت جي.

”سُرُ کوهياري“

پنهل جي پار جا، پاهڻ ڀانيان پارس،
رُلي سان تون رَسُ، اچي رهبر راهہ ۾.

✦

پنهل جي پار جا، پَٽَ ٻہ مون لئي پَٽَ،
ڏونگر ڏنگايون ڪري، سرتيون ڏئي سَٽَ،
ڦوڙائي جا ڦَٽَ، جهران تان جال ٽين.

✦

نہ مون ذات نہ پات، آهيان هوري هندواڻي،
ري رهبر روهہ ۾ ڪير پياري پاڻي،
آءُ پانيڻ ٻيلياڻي، جتن سندي جُوءِ جي.

✦

ريءَ وَرَ ويڳاڻي ڦران، جبلين پائي جهات،
ڪيچي قطاري ويا، اديون ڏئي اڌ رات،
تني سندي تات، راتيان ڏينهان روح ۾.

✦

ريءَ وَرَ ويڳاڻي ڦران، ڏونگر ۾ ڏينهان،
ٻڌي ڪير ٻروچ ريءَ، روهن ۾ رِيهان،
پاهڻ تي پيهان، پيرن ساڻ پٽي ڪري.

✦

وَرَ ويڇوڙي آهيان، والي شال وري،
مُني سان ملي اچي، ڪيچي قرب ڪري،
ڏوٻياڻيءَ تي ڏري، هادي هٿ ٻاجهہ جا.

☆

جاچي ڏٺم جُوءِ، تہ پيئنر يارُ بدن ۾،
عبدئون عيان ٿي آيو راٺل روبروءِ،
ڪرين سندي ڪوءِ، ٻيائي سوڏي ٻن پوي.

☆

پيئنر يارُ بدن ۾، ٻيا پنيوري پوڳي،
منهن سامهون جن جي، جانب سي جوڳي،
رهن سي روڳي، پرينءَ جن پري ڪيو.

☆

پيئنر يارُ بدن ۾، آهي ڙڻي آهي،
نيہ بنان ناهي، پسڻ يار پرين جو.

☆

جاچي ڏٺم جُوءِ ۾، تہ ويو هوش هلي،
وصل واري وائڙي، غني واه گُهلي،
پيئنر هئس پُلي، پر پاڻ پرينءَ واريو.

☆

پيئنر يارُ بدن ۾، ڏسيو لاهيان ڏُک.
سيئي ٿيا سُک، پرينءَ ڏٺي پَرِ ۾.

☆

پـريـنءَ ڏٺـي پـَرِ ۾، سـيـئـي سُـورَ ويـا،
غـنـيءَ گـدلـن سـان، كـيـڏا قـرب ٿـيـا،
سهڻي ساڻ سَيا، سيئي منهنجا سرتيون.

☆

پـريـن پسـي پـاڻ ۾، ٿـو سـنـدم سـاهـ ٺـري،
مَـرمَ سـا مَـري، پـريـنءَ جـنـهـن پـري كـيـو.

☆

سرتيون كيم سَري، جڏكر جاني ڏٺم جُوءِ ۾،
و نـحـن والـي آيـو كـيـڏو قـرب كـري،
نـيـازن مـنـجـهـان نـيـهـ، جـي، نِـڌُر نـيـڻ ڏري،
تہ پيرن كان پري، سجدو سُري كين كي.

"سُر کاهوڙي"

ڇڏي ماڳ متي جوپهاڙين گڏيائون پاڻ،
لاهوتين ساڻ سدائين سُور پرين جا ساڻ،
مورَ سيئي مانداڻ، لاهوتي لنگهي هليا.

لاهوتي لنگهي هليا لالڻ سيئي لَڳَ،
پاھڻ ۾ پرين سان پرچي پين پِڳَ،
اوڊيائون 'عبدالغني' ڇئي درد جي دلق،
تور کيائون تڳَ تہ مڙوئي محبوب ٿيو.

کري قطارون قرب جون سيوهڻ مان سنبرن،
چاهہ منجهارا چنگڻ جون چاڙهيون پيا چڙهن،
ڏوري ٿا ڏسن جبل پائي جهاتيون.

لنگهي ويا لاهوت، نوراني وڃي نور ٿيا،
لاهوتين جا لکن ۾ تلن ٿا ٿولا،
عبديءَ جا اولا لاٿائون لکن ۾.

کاهوڙن کي خبر، پئي آ پهاڙ مان،
سوجهي ڏنائون سڄڻ جي، نوري نور نظر،
آڏيءَ توڙي عصر، جوڳي کمائن جوڳ کي.

جوڳن لڳو جوڳ، عامن ليکي اجايا،
لڳو آ لاهوت جو رمز وارن کي روڳ،
سَڙين آهہ سوڳُ، سڄڻ جي سُور جو.

(سُر ڪاريھر)

جوئي دلبر دل جو سوئي سُورن سانگ،
نيھن نپٽ نانگ، گھائي وڏو غني چوي.

★

ڪاري ڪائي وڏو ڏڪئي ھٽي ڏنگ،
وجھي وَرھَہ ونگ، ڪپر جيئن ڪائي وڏو.

★

منجھان ئي نپنيو ڪاريھر ڪکُ،
مٽيان اٿس منھن ۾، لاڪيٽو سو لک.
اٽباڻھين جو پکُ، لونءَ لونءَ ۾ لڳي ويو.

★

لونءَ لونءَ ۾ لڳي ويو اڻ واتئي جو وات،
بي ڏندي چڙيو ڪاتي جيئن ڪو ڪات،
غني ٿيو گھات، سَپَ جي سنگھڻ سان.

☆

ڏھاڙي ڏيل ۾، سنگھي ويٺو سَپُ،
ديھي واري دريءَ ۾ ماري ويٺو مَپُ،
تپيءَ کي تپ، پيٽي کان پيٽو ٿيو.

☆

عشق نانگ اروڙ جو جنھن کي ھَٽُ نہ پيير،
کينس کو کريو کري، داناءُ ھجي دلير،
ٿو جنھن سان وجھي ويڙ، تنھن ھک سَٽَ ۾ سائو کري

☆

ازده عشق اروڙ جو آھي پَرَ اصيل،
جنھن سِنگھي سائو رھي، جوڳي سو جميل،
غني ناهِ دليل، جو ڏنگجي سوئي ڏسي.

کافیون

دُعا

خدايا ڪر مقبول منهنجي دعا،
گناهن جي بخشش ٿئي آقا عطا.

سندم خاندان تي تون احسان ڪَرِ،
علم حلم حڪمت قلم پاسبان ڪَرِ.

منهنجن پائرن تي پلايون ڪي ڪَرِ،
مٿنِ مهربانيون ڪَرِ شام سحر.

غني و رئوف و لطيف و غفور،
ڪر چئني تان دلبر سيئي درد دور.

تڙي ڪيۡ تڪڙ ۾ جهيڙو جهالت،
ٻيائي دوائي عڪس ۽ عداوت.

ڪج دفع دشمن اسان جا خدا،
سجڻ رهن سامهون هميشه سدا.

بچاءِ قرض مرض ۽ غربت کان مولا،
صحت بخش بزرگي لاهج پَوَ پولا.

امڙ منهنجيءَ کي ڏي تون عمر دراز،
ڪري عرض توکي فقير هي اياز.

ماماڻا ناناڻا ڏاڏاڻا گهڻا تِين،
تِين ڪيچ ڪيچي اباڻا گهڻا تِين.

منهنجي ديس سنڌ کي ڏي امن و امان،
بچاءِ ظالمن کان تون ضامن زمان.

ڪٿي ڳوٺ خوش ڪر ۽ آباد رک،
شهر هي اباڻو سدا شاد رک.

"عبدالغني" هي ڪري التجا ٿو،
سخي در هٽي هي سائل سدا ٿو.

دنيا جا مالڪ تون نظرِ ڪرم رک،
هِتِ هُت تون هادي پنهنجي جو ڀرم رک.

❋❋

اُٺـــي آڏيءَ رات، الله ڏس تـــون اوري

1. لوڪ سُتي ڪر تون مؤمن، مولا سان مصلحات،
سڪ جو سڳو ڏس سوري سوري

2. الله رهندو ٻيو سڀ ڍهندو، وائي اها ڪر وات،
دين دنيا ڏس توري توري

3. فذڪروني ٿِئي تون فاني، جهاتي پائي منجهہ جات،
غني سِر هي گهوري گهوري

سومُون ساھہ پَساھہ، محمّد جنھنجو منڙو نالو.

1. ڪٽي بار ڪُهَين جا، هادي آ همراھہ.

2. عاشق جنھن تي الله آهي، باري بيپرواھہ.

3. سَگ در اُن جي آهيان سوالي، عربي احمد شاھہ.

4. ڪندو واھر غني غريبن، وڏو اٿم ويساھہ.

جوڙي جوڙ جهان، هر صورت ۾ پاڻ سمايو.

1. لاتحرڪ جو سمجھہ اشارو قولھي ڏس فرقان.

2. پھري پوشاڪون دو ميمي جون، الف ٿيو تہ عَيان.

3. غني آهي هر هنڌ هڪوئي، ناهي غير گمان.

پنجتن پاڪ تي پرور، ڪروڙين قرب ڪيا قادر،
جنين جي آ جڏي جيءَ ڪي، علي جي آل جي آڌر.

1. ڪلامِ پاڪ ٿيو نازل، سڄي لولاڪ لاءِ لائق،
سانڍيان سا ساھ ۽ سيني، پرين جي پار جي پاڪر.

2. عرب سارو عجم سارو، سلامي سنڌ وارا ٿيا،
ملائڪ فلڪ اوتارا، پٽر توڙي دريا ساگر.

3. ڪريان ساراھ سرور جي، صلو عليه و آله،
گناهن جي غني بخشش ڪندو محمد منو منور.

❁

اسان يار آهيون ديوانا ديدار جا،
محبوب مولا جي سهڻي سردار جا.

1. اٿم اميدون مديني وڃان مان،
ڏٺا خواب ۾ جيڪي سي ئي ڏسان مان،
چمان چشمن سان منارا منٺار جا.

2. سڪان ٿو سچي سرور جي خاطر،
مٺي مير محمد منور جي خاطر،
ايندا اڱڻ تي شل قدم قربدار جا.

3. حشر نشر ۾ محمد ايندو،
ڪندو پلايون ڪين ڇڏيندو،
لکين ٿورا پائيان 'غني' غمٺار جا.

مان عبدُ رسول جو آهيان، ٻئي ڪنهن سان نينهن نہ لايان،
ٻيو ڪنهن سان نينهُن نہ لايان، تہ پاند ڳچيءَ ۾ پايان.

1. دل درد ڪئي ديواني، هنئي قرب توهان جي ڪاني،
ڪيو فٽ فراق جي فاني، هئي لالڻ تہ ليلايان.

2. چڙهيا محبت جا مونجهارا، ڪيا عشق اندر اوتارا،
ڏِڪِ پاند ڏئي تون پيارا، سڙيو سورن ۾ تہ ساريان.

3. ڪيئن هيڏي جدائي سهبي توتي صلو عليٰ پئي چئبي،
اڄ 'عبدالغني' ڏي عربي، مان واتون تہ واجهايان.

علي ؑ جو شان ٿو ڳايان، علي مشڪل ڪشا آهي،
وصيع وارث محمد جو، برادر بي ريا آهي.

1. علي حسنين جو مالڪ، علي ڪونين جو مالڪ،
رسائي منهنجي رهبر جي، مٿي عرش عُليٰ آهي.

2. علم لُدني علي ڄاڻي، موسيٰ اَرِني علي ڄاڻي،
رندي جي راز جو ڄاڻون، علي ؑ جي هَٿِ قضا آهي.

3. پڪو آ پير طريقت جو شريعت جو حقيقت جو،
مدامي ماهہ معرفت جو، مٿو سو مرتضيٰ آهي.

4. ارڙهين ذوالحج نشانبر ٿيو نبي اعلان هي آ ڪيو
جهين جو مان مولا آهيان، علي اُن جو مولا آهي.

5. ٿيا سڪندر سندس در تان، ٿيا قلندر سندس در تان،
گداگر سَوَ غني بڻيا، سورهيہ صاحبِ سخا آهي.

❁

دم علي دم دم علي چئو آهي ولي حق جو امام،
وِرد ڪر نامِ علي جو ڏي ڇڏي ڪوڙا ڪِمام.

1. ڪر ثنا هر هر وري ڪو پاڻ ڪن توتي ڪرم،
ڪونه منجهندو جنهن ورتي شبير جي نالي جي سامَ.

2. دنيا اٿئي ڪوڙي ڪساري ڪوڙ جو جنهن ۾ جيئڻ،
ٿي فنا عشقِ عليؑ ۾ عين ڪر اثبات عام.

3. المدد اڄ يا علي، برهه باري بار آ،
بس غني کي آسرو آ تنهنجي محبت ۾ مدام.

❁

مولا رضا جي روضي تي، پانڌي پيام چئجانءِ،
سنڌ ۾ سِڪي اوهان لئي ٿو سائين سلام چئجانءِ.

1. تون آن نبيءَ جو نينگرُ، تون آ عليءَ جو گوهر،
اعليٰ نسب اوهان جو عالي مقام چئجانءِ.

2. دنيا جي درد غم کان، مون کي ڇڏاءِ مولا،
منهنجو تون راز رهبر، منهنجو امام چئجانءِ.

3. ڦربئون ڪري قطارون، جيڪي اچن ٿا تو دَرِ،
تن سان تون ڪر ڀلايون، سيّد سي سام چئجانءِ.

4. مشهد مون لئي مدينو، سيوهڻ نجف نظارو،
طالب جو هي ترانو طلبئون تمام چئجانءِ.

5. هيءَ آس آ "غنيءَ" جي مولا گُهماءِ مَشهد،
ديدار جو دلين کي، ڏيندين انعام چئجانءِ.

❀

ڪل تي قدم آ تنهنجو يا پير دستگيرَ.
ازل منجهيل مان آهيان يا غوث ڏي سُڌيرَ.

1. تون آن عليؑ جو پيارو، تنهنجو آ نيهہ نيارو،
هي ملڪ تنهنجو سارو، ميرن جو تون آ ميرَ.

2. ٻيڙي جي ٻيڙي وانگي ٻيڙو ڳنن ۾ آهي،
سائين سٻاجها سوالي تارج منجهان تون سيرَ.

3. سرور آهيان سوالي، مست و مگن موالي،
جهوليءَ ڪي ڀر آ خالي، ماهِہ لقا منيرَ.

4. موج اِلاهي ماٽيان، ٻئي طرف ڪين تاٽيان،
خوشيون ڪري ورهايان، ياور مان ڪير پيرَ.

5. صدقي پنجن تنن جي غم لاھہ سڀ غني جا،
شاهن جا شهہ جيلاني فائق تون فقيرَ.

مداحيءَ تي كريو مَهرون پيارا شاھ جيلاني،
لاهيو منتار هي من جا، مونجهارا شاھ جيلاني،

1. اسيرِ عشق جون آهون، ٻڌو هي درد جون دانھون،
اچي ٿيو يار اوراڻهون، سَهارا شاھ جيلاني،

2. محي الدين مرتضيٰ حيدر، پيالو فيض سان ڀَرِ ڀَر،
ولهيءَ جي وَر كريو واهر، ڏُلارا شاھ جيلاني،

3. ٻگن شاھ ٻرھ كر ٻالا، اياڻ كي كريو اعليٰ،
پياريو پرت جا پيالا، خدارا شاھ جيلاني،

لال قلندر لال، رهبر رندي مشرب جا.

1. عرش اوتارو ساڪن سيوهڻ، هِتُ هُت تنهنجو حال،
رهبر رندي مشرب جا.

2. توءِ خوشبو علي پنجتن جي، ڀڳڙ حسيني ڀال،
رهبر رندي مشرب جا.

3. سڪ سيوهڻ جي جن جي سيني، تن پيلايون پيال،
رهبر رندي مشرب جا.

4. حاضر جيڪي تو وٽ هردم، مُور نہ تن کي مَلال،
رهبر رندي مشرب جا.

5. ڏي ڪو چاندو شوق پنهنجي جو جذبو جوش جلال،
رهبر رندي مشرب جا.

6. نانگا هٺن ٿا نيہ مان نسري در تي روز ڌمال،
رهبر رندي مشرب جا.

7. مست مدامي تنهنجو آهي، قائم قرب ڪمال،
رهبر رندي مشرب جا.

8. هي بہ سوالي تنهنجي در جو، غني جا غمتال،
رهبر رندي مشرب جا.

❁

داتا جي در تي ويو جيڪو سوالي،
خدا جو قسم سو وريو ڪين خالي.

1. داتا ڏئي ٿو دردن جو دارون،
وجي ڪو ڏسي ٿي دَرَ جو ڏمالي.

2. داتا جي در تي جيڪو ڏئي ٻهاري،
اُنهيءَ کي ٿو بخشي برهہ لازوالي.

3. داتا جي نگري باغِ عدن آ،
اُتان جا رهاڪو آهن لا اُبالي.

4. انباهہ آهي مَسيحا جي مَسند،
مريدن جي هستي ٿئي مست مالي.

5. اُتي روز ٿئي ٿو واپار وحدت،
بگن شاهہ بيشڪ اعليٰ ڪمالي.

6. فيضِ فياضي فرقان آهي،
ڏئي فيض جي ٿو پرتئون پيالي.

7. غني آهي داتا سين لاءِ هردم،
دل جي ڪنن سان ٻڌو هيءَ قوالي.

سچي ستگر هاديءَ سان،
ازلي منهنجو انگُ آهي.

1. وِرتيون ويندا نال نماڻي،
سامين سان منهنجو سَنگُ آهي.

2. متي عرش عظيم کان،
لاهوتين جو لنگُهه آهي.

3. مرشد پارئون آهي لڳڙو،
راز رنديءَ جو رنگُ آهي.

4. درد ۽ غم جي گهوڙي جو،
طالب تاڻيو تنگ آهي.

5. آهي ’اياز‘ کي عشق الستي،
مست و مست ملنگُ آهي.

اسان جي برهہ جا باني، بگن شاهہ لال جيلاني،
عنايت عشق آساني بگن شاهہ لال جيلاني.

1. دنيا جي دور ۾ دلبر، دلاور دستگيري ڪر،
ڏيو ڪو ذوق صمداني بگن شاهہ لال جيلاني.

2. امانت عشق عطا ڪريو، سچو سينو صفا ڪريو،
لائي ڪا لَنوَ لاثاني، بگن شاهہ لال جيلاني.

3. اوهان جو عرش اوتارو زمين تي نيہ جو نعرو،
توهان جو راز پنهاني، بگن شاهہ لال جيلاني.

4. غني ڪي سَڳُ ڪري سڏيو آهيان ڇورو نہ مون ڇڏيو
تنهنجو ناهہ شاهہ ڪو ثاني، بگن شاهہ لال جيلاني.

منهنجا داتا او منهنجا داتا،
توسان پيار پريت جا ناتا،
بگن سائين جيئين سدائين.

1. تنهنجا ميلا سدا تنهنجا ميلا،
تون گُرو اسان تنهنجا چيلا،
بگن سائين جيئين سدائين.

2. توکي پيارا آهيون سائين پيارا،
تنهنجي سڪ ۾ وتئون ٿا سينگاريا،
بگن سائين جيئين سدائين.

3. انباهي هادي انباهي،
آهيون راهہ تنهنجي جا راهي،
بگن سائين جيئين سدائين.

4. متوالا آهين متوالا،
ڏي پيار پريم جا پيالا،
بگن سائين جيئين سدائين.

5. تنهنجا سازي آهيون آوازي،
ارداس هي آهي ايازي،
بگن سائين جيئين سدائين.

پيرِ مغان جو درشن، ڪعبو قرآن آهي،
الله جو قسم مون ايمان آن آهي.

1. سجدو صورت جو ثابت فقراء تي فرض ٿيو
فهمِ حقيقي فالم فرمان شانُ آهي.

2. هن مام ڪي مدامي، ثابت سَهِي ڪيو جنهن،
امداد ٿيو ازل کان نازل نشان آهي.

3. ڪون و مڪان ۾ ڪامل، تنهن تي ڪرم الاهي،
ذاتي ظهور جنهن تي علم العَيان آهي.

4. محمود جي مدامي، الفت اياز سان،
رمزن جو راز رندي بيحد بيان آهي.

✿

محمود آهي مرشد عاشق اياز مان،
ليليٰ مثل ٿيو رهبر مجنون مجاز مان.

1. هو باغبان آهي باغ و بهار جو،
گلزار ۾ گلن جو بلبل جو راز مان.

2. هو ٿو رهي هميشہ پردي حجاب ۾،
نازڪ جي ناز وارو آهيان انداز مان.

3. جنهن ۾ فراق واري آ عشق جي صدا،
سوز و گداز وارو آهيان سو سازُ مان.

4. مشتاقَ مہ لقا سان آهيان گڏيل 'غني'،
تصوير هن جي آهيان زلفِ دراز مان.

(ڪامل سائينءَ جو ڪاج)

ڪامل شاهہ جو آهي شادمانو
بيخوديءَ ۾ آ سارو زمانو.

1. ڍُهل باجا وڄن شهنايون،
روحي رمز جون هن رعنايون،
شوق شادي سندو ٿيو شاهانو.

2. مست پُرجام پيا ٿا پيارن،
ڏئي جلوه ٿا جيءَ کي جيارن،
نظر نرمل جي ڪيو آ نشانو.

3. ڳنڍيون ڪامل سائين اڄ پاتيون،
ڏسي موڙن منجهان پائي جهاتيون،
گهورون گهوري پيو هَر گهرانو.

4. هادي لال بگن کي ڏيو مبارڪون،
ڏئي محبت جون سڀ کي ٿو مارڪون،
نئون طالب هجي يا پرانو.

(نوجوان مرشد زاده سيد شهنشاه جي ياد)

شاهنشاهہ مليو شهنشاهہ سان،
داتا فيض درياهہ سان.

1. هِت بہ تون آن هُتِ بہ تون،
والي ولايت شاهہ سان.

2. اول آخر ملڻ منهنجو تيندو،
بالا بگن شاهہ سان.

3. رنگ مان نکري بيرنگ مليو،
پنهنجي پہ اک الله سان.

4. پڏو شهنشاهہ شملو شهادت،
وڏي ڪنهن ويساهہ سان.

5. فقير "غنيءَ هي مدح بنائي،
سهڻل جي تہ صلاح سان.

هـر شـيءَ ۾ آهـي اعـلـيٰ اسـرار عشـق جـو.
صـورت صـفـا سـراسـر سـيـنـگـار عشـق جـو.

1. سانگو صفت بنائيُ، ذاتي ڪيئن ظهورو،
محمد ڪري ٿي آيو اظهار عشق جو.

2. منصور ۾ هنيائين، نعرو تہ اناالحق جو،
عثمان ٿيو قلندر عطّار عشق جو.

3. بيشڪ ٻُلا شاهہ باهوءَ فيض درياهہ فائض،
شوقئون ٿيو شاهہ ولايت شهڪار عشق جو.

4. عثمان چتل بيرنگ، روحل مراد سلطان،
نوشهري شاه نصير ٿيو نروار عشق جو.

5. علي شاهہ، خير محمد، بيدل ۽ رکيل شاهہ،
پيرل شاهہ پاڪ چيزل چمڪار عشق جو.

6. سيني پارين سچاڻان، بيدل هجي يا بيڪس،
گفتو گجر جو غنچو، گفتار عشق جو.

7. پٽ جو ڏٺي پلارو، توڙي فقير تارڪ،
سڀ عارفن ۾ آهي ديدار عشق جو.

8. سرمد، سچل، بگن شاهہ ۽ پڙ غني ٿيو غمدل،
انباهہ، جهوڪ، روهڙي انوار عشق جو.

هر صورت تي ٿو عاشق ٿيان،
تنهنجي حسن جي آهي جلوه گري.

1. ڪو صوفي چئي ڪو مست چئي، ڪو بي پا ڪو بيدست چئي،
تنهنجي ذوق جي آهي زور ذري.

2. چا پاڻ ڏسان يا لوڪ ڏسان، توکي محب ڏسي تو مان مُسڪان،
جيئن مورُ ٽِلي يا حُور پَرِي.

3. الانس وارو آ خيال پڪو مان يار سان آهيان ياقي يڪو
ڪُليل هي 'غني' آ درد دري.

❀

سُرت وئي آ سار، وي ميان،
نيهَ نشي نابود ڪياسي.

1. ري الله جي ٻي نہ آهي، تن اندر ڪا تار وي ميان،
نيهَ نشي نابود ڪياسي.

2. سيئي سوز وڃايون وايون، برهہ ٿيو بيدار وي ميان،
نيهَ نشي نابود ڪياسي.

3. جوش جگر جيرو جلايو هِردو نا هشيار وي ميان،
نيهَ نشي نابود ڪياسي.

4. الفت عين اياز ڪڍايا، بيخودي جا بار وي ميان،
نيهَ نشي نابود ڪياسي.

اهڙي عشق، جي آتش آهي، جيئن گرناري هو غلغلو،
سِرُ ونــي سودو اهــو ئــي، ســڪ سـنـدو آ سـلـسـلـو.

1. باغ الفت جنهن ڏٺو سو ملڪ ساري ڪان سُٺو
عشق آ ميوو مِٺو آهن برهه وارا بلبلو.

2. ائين ٿي ديهي ڏڏي، جيئن وِڄ پئي ڌرتيءَ مٿي،
اُتي قرب وارو ڪو ڳُڏي، زور جو ڏسي زلزلو.

3. ٿيءَ عشق ۾ غازي 'غني'، متان قرب وارا کهڙو ڪَني،
آهي زمن زيبِ تني، بيڪار آهي پُليلو.

هردم رهہ هوشيار دنيا دم آ هڪڙو دلبر.

1. وبھي ٿو وايون ڪرين، ٻرِ پنجو جي يار.

2. اُٿي ڪر تون آتڻ اُجرو ڪر ڪتڻ جي ڪار.

3. غني ڇڏي ڏي غير ۽ غفلت پرت پرينءَ سين پار.

اڏيءَ تي سِرُ رکي راڻو ٿيو نروار ذوالفقار.
همہ همت حق گويو سچو اسرار ذوالفقار.

1. ڏسي ڦٽڪا ڏنڊا بيڙيون، سهي زندان جون سختيون،
اصولن تان نہ هٽنداسي، چيو هر بار ذوالفقار.

2. عرب ۽ ترڪ، توراني، ايراني توڙي عبراني،
پاڪستاني هندوستاني، سيني سردار ذوالفقار.

صوفي تون سوريءَ تي ٿي سوار،
مرشد جي ٿي پشت پناهي عليءَ جي آڌار.

1. صوفي سڏائين سورُ نہ ڏارين، پل پل پرين جو پُور نہ ڏارين،
حيف هجئي هروار، صوفي تون سوريءَ تي ٿي سوار.

2. قالو بليٰ جي قول کي پاڙج، ٻيائيءَ وارو ٻوٽو ساڙج،
ڳيلَ ٿي قول اقرار، صوفي تون سوريءَ تي ٿي سوار.

3. من خدايم دم کي ماري، پنهنجو عرشين خيال اڏاري،
ڪيرج ڪوٽ ڪفار، صوفي تون سوريءَ تي ٿي سوار.

4. ’غني‘ فنا في الله نہ آهي، باقي بقا باالله نہ آهي،
آهي وڏو اسرار، صوفي تون سوريءَ تي ٿي سوار.

عشق جي ياري آهي اٽانگي، چوڏهن طبق تپائي ٿو.

1. دم دم دل ۾ درد جا دورا، باري بار ڪٽائي ٿو.

2. اناالحق آواز اٿاري، نَوَ ڪنڌ نيه نچائي ٿو.

3. ’غني‘ ڪرائي ڳلا غيبت، همه هير هيرائي ٿو.

سڏي ساقي ڏيو سرڪي، پيئڻ وارن جي پارت ٿَوَ.
مئہ ڪي پي جيئن ٿا جي، جيئڻ وارن جي پات ٿَوَ.

1. سِڪ وارن جي سفارش ٿَوَ نظر نوريءَ جي نوازش ڪيو،
اشاري تي اچن ٿا جي، اچڻ وارن جي پارت ٿَوَ.

2. گلن جهڙي هٿن سان هي گلابي جام ڏيو مونکي،
سجڻ نِوڙي نمن ٿا جي، نِمڻ وارن جي پارت ٿَوَ.

3. پري ڏيم جام جلون جو عمر بخش ’غني‘ ڪي تون،
سدا مئخان رهن ٿا جي، رهڻ وارن جي پارت ٿَوَ.

❁

مليو مئخان ۾ يار تہ ڪعبي ڪم ڪھڙو،
آيو ويس فقيري پائي رانجھن رمز رلائي،
ٿيو دم دم جو ديدار تہ ڪعبي ڪم ڪھڙو؟

1. ماڻھوڪن ٿا ڪعبي ڪي آزيون، نيھَن پڙھايون نفيءَ جون نمازون،
آھي سجدو صورت صافي، منھنجو مرشد مون لئي ڪافي،
سيِ سھڻن جو سردار تہ ڪعبي ڪم ڪھڙو.

2. جنھن ڪي ساقي پياري پيالو لوڪ ساري ۾ سو متوالو،
اھو وحدت جام جلالي، ڪي پيين مست موالي،
مخمور ٿيو مئخوار تہ ڪعبي ڪم ڪھڙو؟

3. ساقي علي آ باقي علي آ، پير مغان مونسان ياقي علي آ،
جنھن جامِ حيات پياريو موتو ماري جياريو،
خمخاني خودمختيار تہ ڪعبي ڪم ڪھڙو؟

4. گل ڦل باغ بھاريا بيشڪ، "غني" آھي ھر جا حق حق،
ڪڻ عاشق اک اثباتي، ھر دَمُ ڪمائج ذاتي،
چئي اناالحق اقرار تہ ڪعبي ڪم ڪھڙو.

ڪَيئن ڪندو ڪو همسري، منھنجي جو آ دلڙي چري

1. ديوان مان ارمان مان، درمان مان تيڙس گدا، توڪي پيو سارين سدا،
ڪولي ڏنم دل جي دري، ڪيئن ڪندو ڪو همسري

2. عمر مان عثمان مان صديق مان سردار مان،
هُل آءِ ڪريان ٿو حيدري، ڪيئن ڪندو ڪو همسري

3. ’غني‘ آهيان غريب مان، تن من سندو طبيب مان،
نيھُن مان نجيب مان بگن هان مان برتري ڪيئن ڪندو ڪو همسري

ويا اهيون جوشِ جگر کي کائي،
تي آهي وصال جي وائي.

1. باغ و بهارا چمن چوڏارا،
ٻنوري گل کي راڳني ٻُڌائي.

2. حسنِ هزاري نيه نظاري،
رُت بسنتي برهُه ٻلائي.

3. ڪُل تي ڪثرت ساري وحدت،
عامن کي اها ڪل نه ڪائي.

4. ’غني‘ غم ويا، درد وهم ويا،
سُکن ڪئي آ سٽائي.

❀

سُور ٿيا سؤ واري وي،
درد عشاقــــي الله.

1. ڪيئن نبيريان نيهُن نتو نبري،
برهُ برابر باري وي

2. جوت جواني هوش هليو ويو
ڪانُ لڳو ڪاپاري وي

3. ’غني‘ گهورن گوندر گڏيو
ڏکن دلڙي ڏاري وي

۞

ڪهڙي ڪراماً ڪاتبين خبر انهيءَ عشق جي آزار جي،
ڪنتُ ڪنزاً مخفياً، اونهي انهيءَ اسرار جي.

1. پاڻ تي ٿي پاڻ عاشق، شاهي ڇڏيائين ٿيو گدا،
سڌ نہ پئي ابليس کي، آدم واري اظهار جي.

2. و نحن واريءَ وِيرَ ۾، گُم ٿيا غازي وڃي،
ڳجھ وڃي ڳولهي لڌائون، طلب ريءَ تڪرار جي.

3. فقر تي آ فرض ٿيڻو پر پروڙڻ پانهنجي،
ڪنهن ڪنهن سري کي آھ ڪل هِن ورھ جي ويچار جي.

4. نيهن وارن نانهِ مان، ڪئي بقائي اي 'غني'،
دَرَ ڪري ديهي ڏنائون، ديد سا دلدار جي.

❁

انـاّ سـئـيـر سِـري جـو كـرڻـو آ،
اناالـحق جـو ماري نعـرو سولـي سانگ تـي چڙهڻو آ.

1. وهـم وجـودي مـام پـروڙي، آدم وارو پـيـد پـروڙي،
موتو قبلل پاڻ مروڙي، گهير وحدت جي گِهرڻو آ.

2. نـور تـجلـو آهيان نـهـانـي، رمز درونـي راز ربـانـي،
سبحاني مان اعظم شاني، چاهہ منجهاران چوڻو آ.

3. بانگ برهہ جي بيشڪ بانگي، غم فراق ۾ سوز جي سانگي،
عشق الله کان زاهد وانگي، ڏپ ڪري نہ ڏڃڻو آ.

4. پاڻ ئي آهيون رنگ بي رنگي، عشق محبت دلڙي ونگي،
مذهب واري ناهي تنگي، ڪلمو پاڻ تي پڙهڻو آ.

5. غني غم ۾ گم تي غازي، ڪيڏن بيشڪ بيخود بازي،
رکـي الـفـت عـيـن ايـازي، مـحـمـود بڻجي مرڻو آ.

مـان ڄـاڻ اهـو ئـي ڄـاڻـان، اڇـي بـرهـ لڳـايـا پـاڻـا،
نـنـڊ نـهـوڙي نـيـهُـ ڪـٽـي ويـو نـيـٽـن ڪـيـپ اُڪـاٽـا.

1. سجدو صورت صحي ڪيوسي، پريم ننگر ۾ پير پيوسي،
ننگ ويوسي نام ويو سي، قرب ڪياسي ڪاٽا.

2. زَهرُ پيالو عشق پياريو، جذب جنون ۾ جوش جڳايو،
محويت جي جنهن مام سان ماريو، دلڙي تي پئي داٽا.

3. مرشد رهبر راهـ ٻڌائي، ’غني‘ تون آن ڇڏ گدائي،
عشق ڪرائي معاف مدائي، سوليءَ سر ساماٽا.

كيئن پاڻ آيو ڪُنبُ سُنبَ ۾،
آدم واريءَ اُنب ۾.

1. حيرت ۾ ٿيو پنهنجو ڳولائو
آهي وڏي اُڪنب ۾.

2. ڪيئن جمي ٿو ڪيئن مري ٿو
جنم مرڻ جي جُهنب ۾.

3. خلق الآدم سڀ صورت ٿيو
توڙي غنيءَ جي گُهنب ۾.

پياسي ڪن فيڪون جي ڪُن ۾،
درد فراق جي ڏن ۾.

1. ظاهر باطن ديد دروني،
واجھہ وجھون هِن هُن ۾.

2. روز رجھؤن تا روز پچئون تا،
بيشڪ برهہ جي پُن ۾.

3. مطلب ٿيو منجھہ مھٽن طعنن،
’غني‘ گلا جي گُن ۾.

❁

مسجد آنا جانا، تون چڏ خوديءَ کي خانا،
وحدت رک ويساهہ وري آ کڙ ملامت طعنا.

1. سورهيہ تي ڏي سِر نوائي، سهرا ٻڌُ سُهانا،
تون چڏ خوديءَ کي خانا.

2. حاسو مصلو تسبيح تک تک، ويرا کر ويرانا،
تون چڏ خوديءَ کي خانا.

3. 'غني' غم ۾ گم تي غازي، رک دل ۾ درد ديوانا،
تون چڏ خوديءَ کي خانا.

❁

عطا عشق ڪئي آ فڪر ۽ فنائي،
برهہ جند جلائي باقي آ بچائي

1. وِيون يار ياريون، بلي سي بهاريون،
گُل و گلزاريون چمن ۽ چوياريون،
اچي نيهن نوبت واهہ جا وڄائي.

2. حسين ناز نخرا چٽ چالبازيون،
ورهہ مون وڃايون نفل ۽ نمازون،
هِن هُن جي هاٽي ٿي هڪ هڪائي.

3. ’غني‘ غرق آهيون، ڪڍون ڪين ڪاٺون،
ڇڏي لوڪ لارو منو يار ماٽيون،
پَٽي سا پڙهون تا پرين جا پڙهائي.

محبت جون پيءُ مَٽيون، مَٽيون،
مست ٿيءُ تون ميٺي هستي.

1. ورهہ وارن سان پيئٽيون پوندئي،
پري وِهُہ جون وٽيون وٽيون.

2. سک ٿي سمهنديون سي ڪيئن سرتيون،
جيڪي فراقن ڦٽيون ڦٽيون.

3. ’غني‘ اولي عبد جي آهي،
چوٿو گهمين گهٽ گهٽيون گهٽيون.

اڳڙ تي عشق آيو آ، چڪيا ھِنِ چاڪ بسم الله.
ويا وسري سيئي سارا، عقل ادراڪ بسم الله.

1. ويا سي دلربائي ڪان، اسان ٻين جي ٻيائي ڪان،
ٿياسي دمبدم غمدل، ڦُٽي دل ڦاڪ بسم الله.

2. ڪجي ويو خيال مسجد ڪان، سجد مسجود ساجد ڪان،
ٿيو مئخان مون من ۾ عَلم اوطاق بسم الله.

3. برھ جو بار ٿيو بالا، حاسو مصلو وئي مالھا،
پيتاسي پرت جا پيالا، محبتي ماڪ بسم الله.

4. رهيو هُويار من ياقي، بنا محبوب بس باقي،
اچي ڪُليا ’غني‘ غم ۾، طلب جا تاڪ بسم الله.

فراقي فهم ڪان، وياسي وصل ڪان،
نازن ۽ نيازن، نمازن نفل ڪان.

1. اُتي خيال اڙيو جتي ساهه سڙيو
قربن آ ڪڙيو علم ۽ عقل ڪان.

2. اسم ۽ جسم ڪان، دوئي واري دم ڪان،
وجودي وهم ڪان، اصل ۽ نقل ڪان.

3. حسب ۽ نسب ڇا، ڪتابي ڪسب ڇا،
اجايو ادب ڇا، جوڻي جهل ڪان.

4. 'غني' خير شر جي، مُلن جي مَڪر جي،
ذڪر ۽ فڪر جي قيمت ڪٽيل ڪان.

حيرت ۾ حيران بي خبر ئي ناهي،
اتم اهوارمان، بي خبر ئي ناهي.

1. ڪٿي عالم فاضل عقلي،
ڪٿي نسورو نادان، بي خبر ئي ناهي.

2. ڪٿي ليليٰ مجنون، سرمد،
ڪٿي عطاري عنوان، بي خبر ئي ناهي.

3. شاهہ چڏي تخت پوشاڪون،
دلبر ٿيو دربان، بي خبر ٿي ناهي.

4. احمد محمّد حيدر صفدر ؏،
نورحَسنين نِهان، بي خبر ئي ناهي.

5. پنهنجو پاڻ ۾ عَبد ڪي آهي،
'غني' جو تہ گمان، بي خبر ئي ناهيؐ.

ذات آئي صفات ۾، سنسار جي ڏسڻ لئي،
ڪري برهه جو بهانو ديدار جي ڏسڻ لئي.

1. غيبئون ڪري ظهورو صفا سود ۾ سمورو،
پرين پرت سان ٿي پورو پنهنجي پيار جي ٻسڻ لئي.

2. قائم ڪري قبيلا، حيرت هلائي هيلا،
واهر ٿي وسيلا، ويچار جي ڏسڻ لئي.

3. رکي اياز نالو ديهي بنائي دالو
چشمئون چلائي چالو سينگار جي ڏسڻ لئي.

ڪر ذات ياد پنهنجي ڇڏي سڀ هي صفاتي،
جيئري مري تون بقا تي جهاتيءَ ۾ پائي جهاتي.

1. تون ڪير آهين ڪنهن ڪي حيران تي تو ڳولين،
جهر جهنگ ۽ جبل ۾ ڇو پاڻ ڪي تو رولين،
ڪر غم نہ وهم ڪوئي هَٿِ لاجي ڪر تون ڪاتي.

2. مَردن جي مامرا وکي آهي ڳجهي ڳجهارت،
عربي هجي يا عجمي توڙي رهي ۾ پارت،
سوئي چوندو اناالحق لنو عشق جنهن ڪي لاتي.

3. ۾ جو خيال رکجي، همہ جو حال رکجي،
خودي جي ڪاڻ ڪي وڪڻي محبت جو مال رکجي
’غني‘ نہ غير ڄاڻين آهي ذات تنهنجي ذاتي.

سڻ وحدت جو ويراڳ تون،
ڏس پنھنجو ڪري پلو پاڳ تون.

1. پنھنجي پرِ ۾ ويھي پرينءَ کي تہ ڳولجي،
ھڪڙو ئي آھي دلبر ٻيائي نہ ٻولجي،
وٺ محبت وارو ماڳ تون.

2. ويا وير وحدت جي واديءَ ۾ الا،
نظر جو نشانو بڻجي شوق شادي ۾ الا،
رک لال لڪي جي لاڳ تون.

3. تندن کي تپائي واجٽ وڄائج،
نروار ٿي نيھن ۾ ناتو نڀائج،
ٿي 'غني' ساجھر جاڳ تون.

الله پڄايم آس، عشق اسان جي اڳڻ تي آيو.

1. بيرنگ آهي رنگ رنگينو، رنگي ٽيڙو راس.

2. شغل ٿيندا هر هر طرفين باسي هئي مون باسَ.

3. ’غني‘ گوندر غم ويا سڀ لٿي آهَ اُداس.

ٽانيڪا ٽياسي، وڃڻ کي وياسي،

1. جتي ناهِ نوبت، اُتي پير پياسي.

2. چڙهي موج مونتي، مهراڻ مئي جي،

3. اهڙي نيهَ نانگي نهوڙي نياسي.

محبوب جا ڏنا مون گهنديوار گهرا گهرا،
دل تي زخم لڳي ويا سؤ وار گهرا گهرا.

1. ديدار ٿيو دريءَ مان بيهوش ٿي ويس،
نرمل جا نيڻ نازڪ نروار گهرا گهرا.

2. لب لال ها گلابي، ڳل ها تہ چڙ شرابي،
پاتا هئائين ڪپڙا رنگدار گهرا گهرا.

3. اکڙيون وجهي اکين ۾ دل کي ڏنئن دلاسو
اڄ ڪيا پريں اکين سان اقرار گهرا گهرا.

4. مرندو ڏسي ’غني‘ کي سهڻن مٿان سراسر،
جاني جدا ٿي ويڙا سڀ يار گهرا گهرا.

منهنجو مڙوئي مَتڙا، ايمان آنِ قربان،
ساري جهان جا سارا، شايانْ شان قربان.

1. ديدن جا جهاوَ جهٽ جهٽ، سيني تي ڪن ٿا سَٽَ سَٽَ،
ڪاتي نظر تان ڪَٽ ڪَٽِ، ترڪان ڪان قربان.

2. دندانِ دُرِيمني، شيرين شڪر جان سُخني،
جلوه جَنات عَدني، غلمان جان قربان.

3. گيسوءَ جي ڏيمي خوشبو هيڪار هار هر سُو
لب لعل تان اي مهرو مرجان پانَ قربان.

4. گهُعد يار تان 'غني' جي، حيرت حسن جي هئي هئي،
محبت مئي تان مئي مئي، مئخان خان قربان.

✿

چوهہ سيپيئي چڏي الا جوان اچي ڪو جذبي وارو.

1. سِرَ جو سودو دست بدستي، هستي ماري وڃي مستي،
لوڪان جيئري لڏي الا جوان اچي ڪو جذبي وارو.

2. ڪٽڻي پئي ٿي لوڪ ملامت جيسين آهي عشق سلامت،
سختي سُور ڪي سڏي الا. جوان اچي ڪو جذبي وارو.

3. گهن ’غني‘ تون حال همہ جو خاص خدائي خيال همہ جو
عرش آڏاڻا اڏي الا. جوان اڏي ڪو جذبيوارو.

يڪتاري جي ياري او ياري،
توکي ڏسيندي راهہ رباني.

1. دين ڌرم ڪان مڙئي مٿانهون،
بار بِرهہ جو آ باري او باري.

2. تار سان جڏهن تار ملي ٿي،
قَلب ٿئي ٿو جاري او جاري.

3. وحدت ۾ ويراڳ جي صورت،
ڪسرت آهي جاري او جاري.

4. جنهن دل گُل ۾ عشق الاهي،
’غني‘ ڪري گلزاري او گلزاري.

❁

كيئن وحدت ويهي مانَ وساريان،
تو قول پرين سمان پاريان.

1. جاني جوش جذب ۽ جلالي، مست جهومان مان قران موالي،
ائين هر هر انا الحق الايان.

2. آهي مونکي محويت مدامي، پنهنجي پاڻ کريان تو خدامي،
ري پنهنجي نہ ٻئي کي نهاريان.

3. سوز دِرد رهيتو دروني، مونکي برهہ لڳو آ پلوني،
کري قائم تو قرب کمائيان.

4. کيم ذاتي حسن جو ظهورو، آهيان نانو سين جو مان نورو،
'غني' گم ٿي تو کو نتل ڳُڏايان.

دنيا فنا جو گهر آ ڪنهنجو بچاءُ ڪونهي،
ريءَ ذات حق خدا جي باقي بقاءُ ڪونهي.

1. هوندا اِهي نظارا دلدار يار پيارا،
باقي اسان جو هردم ڪوئي لقاءُ ڪونهي،

2. سڀ سان حساب ٿيندو سوال و جواب ٿيندو
صالح عمل سواءِ اُت ڪو والد ڪو ياءُ ڪونهي،

3. جيئري گذاري وڃجي سڀ ڪجھ سنواري وڃجي،
بيدرد هن دنيا ۾ ڪوئي ييي ساءُ ڪونهي،

هڪ تنهنجو پيار ٿو گهرجي، ٻيو ديدار ٿو گهرجي،
آهين تون نورُ نوراني، چشم چمڪار ٿو گهرجي.

1. اچين جي يار محفل ۾، منهنجي دلدار تون دل ۾،
هڪ سينگار ٿو گهرجي، ٻيو اظهار ٿو گهرجي.

2. وفا جي راهہ ۾ راڻا، منا گهرجن نتا ماڻا،
هڪ خبردار ٿو گهرجي، ٻيو وفادار ٿو گهرجي.

3. اچي ڪيا عشق آستانا، "غني" گوندر غمِ جانان،
هڪ غمتار ٿو گهرجي، ٻيو منتار ٿو گهرجي.

محبوب عاشقن سان اهڙي ڪاوڙ ڪبي آ!
سائين سڀاجهڙن سان اهڙي ڪاوڙ ڪبي آ.

1. محبوب تو اڳيان آ عاشق جو حال ڪهڙو،
جاني جيتامڙن سان اهڙي ڪاوڙ ڪبي آ!

2. سرڪار سونهن جي تون، توکي سُونهن ٿا ماڻا،
ڪِنِ ۽ ڪوجهڙن سان اهڙي ڪاوڙ ڪبي آ!

3. محبت تنهنجي ۾ جڙ مون موتو مري ڏٺو آ،
دلبر دردوندن سان اهڙي ڪاوڙ ڪبي آ!

بس پيار پرين سان ڪرڻو آ.
ناهه وفا دنيا ۾ توڙي محبت خاطر مرڻو آ.

1. يارَ ڪيو مون يار پوشيده، پيارو پرين سو پيار پوشيده.
ناهه تنهنجي خبر ٻئي ڪنهن کي، سهڻي اڳيان سِرُ ڌرڻو آ.

2. شاعر توکي چا ٿي ويو آ. محبت ڪان تو منهن ڇو مَٽيو آ.
لهه تون پنهنجي دل جي خبر، سهڻن ريءَ ڪين سرڻو آ.

3. محبت ماڻهوءَ جو مان وڌائي، شاعري شوق ۾ شان وڌائي،
تو چيو هو جانِ جگر، پيار وارن سان پرڻو آ.

4. عادل آهين تون دل جو 'غني'، طلب صنم تڏهن تو آ چني،
دنيا ڳجا، تنهنجي ديد دِگر، ڏاڍ ڏمر ڪان نہ ڌرڻو آ.

هَٿِ هَٿِ هلي ٿو هوڪو، هَٿُ هَٿُ حسن اڇي ٿو،
پَٽِ پَٽِ اڪيون ڏسڻ لئہ پَٽُ پَٽُ حُسن اڇي ٿو.

حشمت ٻُڌي حُسن جي عاشق اڦٽ مري پيو،
مَٿُ مَٿُ نہ تنھنجو ماڳھين مَٿُ مَٿُ حُسن اڇي ٿو.

سڏڙيو نہ ٿي سجڻ جي قدمن مٿان ڪري پئہ،
سَٽِ سَٽِ تون ساھ سِر ڪي سَٽِ سَٽِ حُسن اڇي ٿو.

ويلو وريو وصل جو الله خير ڪر تون،
ڦٽ ڦٽ ۾ ٿيا لکين اڄ ڦٽ ڦٽ حُسن اڇي ٿو.

❁

دلبر کي ڪا چئي اديون پرچي پرين اچي،
ڏينھن رات روح ۾ تو محبت جو مچ مچي.

1. سورن ڪيو سودائي، حيرت لڳي حيراني،
برسر برھ برياني، ننگو نيھ تو نچي.

2. صورت پرستي دم دم، نيٽن کي ڪيو نم نم،
ھئي ھئي سواءِ ھمدم، نتو روح ڪٿ رچي.

3. سوا گھڙيءَ جي صحبت، محبت مٺي جي محبت،
الفت 'غني' انھيءَ ڪان تو پريت ۾ پچي.

وَلَها نہ مونکي وَٽي وَٽي تنهنجي جاني جدائي،
جاني جدائي ٿيا حال گدائي.

1. عشق تنهنجي جي لڳڙي مونکي اوکي آهي اَٽي اَٽي.
2. حقيقي حجابن ماريو مونکي، ڏيئي قرب ڪٽي.
3. اڳڻ تي اڄ نہ لايان لڱن کي، ڪٽي پيرن پَٽي پٽي.
4. شڪر گذار آهيان 'غني' ايندو دل سنڌئي جو ڏٽي ڏٽي.

سَوَ پيرا صنم قربان ٿيان مان،
ڏسي حسن تنهنجو حيران ٿيان مان.

1. تنهنجي ديد دلبر تلوار وانگي،
تنهنجو پيار پيي آ آزار وانگي،
سندئي نِيهُن سندو نيشان ٿيان مان.

2. محفل هجي منار وانگي،
ساقي بہ هجي مئخوار وانگي،
مئي نوش هجين تون پئمان ٿيان مان.

3. منهنجو مُحب آهي مختيار وانگي،
جنهن جي سونهن آهي سرڪار وانگي،
ڏسي رعب تنهنجو بيجان ٿيان مان.
سؤ پيرا صنم قربان ٿيان مان.

اج مَتي محفل صفا، تون ڪتين يا مان ڪٽان،
نيهُن ۾ آهن نفعا، تون ڪتين يا مان ڪٽان.

1. رات ساري تنهنجي صورت ڏي پيو ڏسندس منا،
جي ٿئين پو تون خفا، تون ڪتين يا مان ڪٽان.

2. سوز هوندو درد هوندو، غم هوندو دلربا،
بي نہ هوندي ڪا جفا، تون ڪتين يا مان ڪٽان.

3. تون بہ هوندين هو بہ هوندا اي 'غني' ماهِ لقا،
سڪ سندا لڳندا سٽا، تون ڪتين يا مان ڪٽان.

تنهنجون اکيون ٻئي مئخان چوان،
يا پرت پريل پيمان چوان.

1. دو عيني چڄ دو ميمي آ، متا ماھہ وَڏِ تن سيمي آ،
اهو ڪرم پايان ٿو ڪريمي آ، توکي قربن جو قرآن چوان.

2. غم دردن جو گرداب ٻہ تون، منهنجو برھہ جو آهين باب ٻہ تون،
منهنجو ڏوھہ ٻہ تون ۽ ثواب ٻہ تون، توکي دردن جو درمان چوان.

3. اياز العالم يار ٻہ آ، سڀ سهڻن جو سردار ٻہ آ،
’غني‘ زرگر وَڏِ زردار ٻہ آ، اِهي نيه وارن جا نشان چوان.

❀

ڪري سھڻل سائين سينگار ھلي آ.
چُمان پير اکين ڪريان پيار ھلي آ.

1. لائي لبن کي لالي ڪِلي خوش ڪر خيالي،
آھيان مست و موالي ڏي ڪا پرت پيالي،
ڪري الفت جو اقرار ھلي آ.

2. پائي ڪجل جي ڪاني، منھنجا دلبر جاني،
اچ ڪَر احساني، ڏيان مان مھماني،
ٿئي ديدُن جو ديدار ھلي آ.

3. رڳو روز رُئان ٿو ڪنھن سان ڪين ڪڇان ٿو
رَند راھ تنھنجا پرين پيارا پڇان ٿو
آھي عشق سندو آزار ھلي آ.

4. 'غني' غم ۾ تون آن غمتار ۾ تون آن،
سڀ سھڻن جو سينگار ۾ تون آن،
آھين سارو صنم اسرار ھلي آ.

ڏينهن رات مٿا آ درد و الم، مونکي تنهنجو قسم مونکي تنهنجو قسم،
ڪٿ سڪ گهمايو آهي صنم، مونکي تنهنجو قسم مونکي تنهنجو قسم.

1. اهڙا تنهنجي تصور تاب ڏنا، گهڙيءَ گهڙيءَ منهنجا نيڻ پنا،
وسري توِوجي سڀ ڪارءِ ڪم، مونکي تنهنجو قسم مونکي تنهنجو قسم.

2. محسوس ڪريان تون آهين گڏ، مون کي دوست ڏئين ٿو سڏَ م سڏُ،
ظاهر ۾ پري ڳجهو قدم قدم، مونکي تنهنجو قسم مونکي تنهنجو قسم.

3. رکي ياري 'غني' مون ملندي خوشي، مٿان سُورن آهي سار لڏي،
ڪريو درد دفعي ڪري قرب ڪرم، مونکي تنهنجو قسم مونکي تنهنجو قسم.

هِتي يار تنهنجا پون پُور پَل پَل،
اتي ڪا اوهان کي پرواهہ ناهي.

1. ٻڌوٿا اي سهڻؤ عشاقن جون ڳالهيون،
سدائين اوهان جا ثناگر سڏايون،
ويچارا ورهہ ۾ ڪن گهوڙا گَهل گَهل.

2. زماني ۾ سهڻن کي ماڻهن وڏايو
ڏئي پيار تن کي سڀ کان سوايو
رکي ٻَل ٻَلن تي ملائي مَل مَل.

3. 'غني' سان ملي وڃ تہ تيندئي ڀلايون،
صفا جيءَ کي جاني وَتُ نہ جلايون،
وري آءُ والي ڪري واهہ وَل ڇَل.

هُتي تون اداسي هِتي مان اداسي،
ملڻ جي ڪا موڪل خبر يار خاصي.

1. نہ تون غير آهين نہ مان غير آهيان،
ڇڏي ڏي حجابن کي آهيون ديس واسي.

2. عاشق درد ڪنهن جي ڇڏيو توکي ڏوئي،
برهہ ۾ ٻٽيو آهين وچي بنواسي.

3. خوشيءَ سان ورهايان پري ڪير ماڻيون،
دلدار تنهنجي لئہ مون باس باسي.

4. آهيان مان بہ ماندو آهين تون بہ ماندو،
ٻئي پيار جا آهيون پيارل پياسي.

5. نہ مندر ۾ ملين ٿو نہ مسجد ۾ مورهين،
ڳولي ڏٺي مون ديول ۽ داسي

6. آهي انتظاري، وڏي بيقراري،
دردن 'غني' ڪيو آ سورن سناسي.

وڃ جانب جيءَ جياري، منھنجي مٺل دل جياري،
ڙي سھڻا صدقي توتان سؤ وار ٿيان.

1. اٿي اکين ۾ عشق سمايل، مان تنھنجي گھورن جو گھايل،
ڙي سھڻا صدقي توتان سؤ وار ٿيان.

2. ڪٽي نازڪ نيڻ نھارج، ڪري ماٺو يار نہ مارج،
ڙي سھڻا صدقي توتان سؤ وار ٿيان.

3. تنھنجي چنچل چال نرالي، ماري مفت ٿي يار موالي،
ڙي سھڻا صدقي توتان سؤ وار ٿيان.

4. تنھنجا زلف سنوارڻ سھڻا، ائين ظالم مارڻ سھڻا،
ڙي سھڻا صدقي توتان سؤ وار ٿيان.

5. ذي دوست 'غني' دلداري تنھنجي ڳاراٽي دل ڳاري،
ڙي سھڻا صدقي توتان سؤ وار ٿيان.

❁

آءُ پرين لهُہ سار، من مونجهارو ماندو ٿيو آ.

1. ڦٽي فراق ڇڏيو آهي، جيءُ جُسي سان جار.

2. ڏک ڏهاڙي ٿيا ڏهوڻا وبسند ناهي وار.

3. درد غنيءَ کيا دل ۾ ڏو ڏُو جا ڏڏڪار.

هڪ دل اندر هزار ڏک، پيو ٿيو جاني جدا،
هو باوفا صحي مگر ڪنهن کي چوان مان بيوفا.

1. ٻاهران ٿو خوش رهان، اندر ۾ عشق آگ آ،
دل داغ ڪري ٿي دم بدم سينو سڄو چڪچور آ،
آيس ڇڏي مان ديس کي پرديس پيو نہ راس آ.

2. دنيا سڄي گواهہ آ توکي نہ ڪائي خبر پئي،
راهي لٽيو سيڪو چوي وهي تيغ وانگي نظر پئي،
تو ڇڏي مون کي ڏنو آ تہ ٻہ ٿيس توتان فدا.

3. باغ ۾ ڪهرام آ، ڪنهن جي ٻڌي آهہ و فغان،
بلبل پريشان گل ٿيو فرياد ڪنهن اهڙي ڪئي،
هاءِ هاءِ ٿي غُنچن چيو ڪنهن جي آهي اهڙي قضا.

4. تو لٽيو مونکي ’غني‘، پر جي لٽجين پين هٿان،
توبہ سندم آ بار بار، اهڙي نٿو دعا گهران،
صد بار مان برباد ٿيل شاد شل تون هُجين سدا.

❁

تنهنجي دردن ڪيو دل ۾ ديرو،
ڪرڪو پيارا فقيرن ڏي ڦيرو.

1. ڏينهان ڏهه ڏهه ڏکڙا ڏکن ٿا،
راتيان جيءَ اندر ۾ جُکن ٿا،
جلي جان جگر وبو آ جيرو.

2. سهڻي وانگي مان سيرَ گِهران ٿي،
ٻڏجي سسئي مان گهير گهمان ٿي،
پڇان سڀ کان پُنهل تنهنجو پيرو.

3. ڏاڍا طعنا ۽ مهڻا مِلن ٿا،
مٽان ماڻهو پيا منهنجي کِلن ٿا،
’غني‘ غمن ڪيو آهي گهيرو.

❀

تنهنجي صورت آهي سِرَ ساھہ ۾، ساھہ ۾ ڙي الا،
آهيان چُور چريو تنهنجي چاھہ ۾

1. اعليٰ اٿئي اسرار کو نظر نور نگاھہ ۾،
ساھہ ۾ ڙي الا .....

2. راتيان ڏينهان رڙندو وتان، ڦيريون پائي فقراھہ ۾،
ساھہ ۾ ڙي الا .....

3. 'غني' جيئي شال دلربا، هادي هوت هنباھہ ۾،
ساھہ ۾ ڙي الا .....

سھڻيون اکڙيون الله رکي، قدم قدم آباد. قدم قدم آباد.

1. سھڻي جواني نازڪ خيالي بيحد بيپرواھي.
منڙي ٻولي پوش رنگينو مولا تنھنجو واھي،
جيسين آھي دور دنيا جو شال رھين تون شاد.

2. ڪجليون ڪاريون ڪيف ڪڪوريون ڦھري ڦرين واريون،
نظرون ڪن نيشان دلين تي جيئن تلوارن جون ڌارون.
ڦيري ڪن فقير ڪيئي داد نڪو فرياد.

3. ٻاڙھيون ڳوڙھيون لال گلابي شوربل شينھن شرابي،
عاشق عشق ۾ حاصل ڪن ٿا برھ واري بيتابي،
ڪيئي قيد ڪنديون ۾ قابو نيھ ڪيا ناشاد.

4. ڀوريون گهريون ترڇيون تکيون شائق ۽ شرميليون،
عينا عين عقيقي رنگ جون اعليٰ ۽ اٽڪيليون،
’غني‘ گھرا گھاءَ انھن جا سوز گداز سوادُ.

❁

منهنجي تون آن دل جو دلبر، ڇڏ تون بهاني کي،
الا آهي خبر زماني کي.

1. درد ڏئي تون کين وڃائج، دل جي فساني کي،
الا آهي خبر زماني کي.

2. سڪر آ شاهد لڪي آ شاهد، ڇاڻ جهاني کي،
الا آهي خبر زماني کي.

3. تولئہ 'غني' پرديسي ٿيڙس، ڇڏيم گهراني کي،
الا آهي خبر زماني کي.

ملي ويا نيڻ نيڻن سان، اهو ناتو نڀائيندس،
مليا طعنا توڙي مهڻا سيئي سِر تي سهائيندس.

1. گهين ڪي ڪا خبر ڪانهي، تہ گذري ڇا عشاقن تي،
رکي سڀ سُور سيني ۾ ڏُکي دل کي دڪائيندس.

2. وصل جي رات هڪڙي لئي، ڪنيو مون بارُ فرقت جو
لڳائي سِرَ سندي بازي، توکي گهر ۾ گهرائيندس.

3. 'غني' جو غرض هي آهي، ملي وڃ يار تون هيڪر،
وساري تو ڇڏيو آهي، ڀلا ڪيئن مان ڀلائيندس.

ايندي ويندي يار سلام تہ ڏيندو ڪر،
پنهنجي پيري پيارا پڪو نہ ٿيندو ڪر.

1. راتيان ڏينهان سهڻا تنهنجي راهہ تڪيان ٿو،
ڪاۏڙ ڪَست مان مُحب نہ گذري ويندو ڪر.

2. هوٽل ۾ بازار گهمين يا شهر گهمين،
ساڻ سدائين ٻين ڪي نہ نيندو ڪر.

3. جيئري جاني زخم جُدائي جا تون ڏئي،
گوندر غم ۾ يار 'غني' نہ گذيندو ڪر.

✿

تنهنجو حسين چهرو کُليل ڪتاب آهي،
تنهنکي پرين پڙهڻ ۾ سارو ثواب آهي.

1. لب لعل موتي مرجان محبوب مهہِ لقا جا.
دُرِ عَدن جان ڏند هي حد نہ حساب آهي.

2. تڪرار ڇڏ او سهڻا ويهہ ڀر ۾ اچي اي پورل،
ڪر معاف تون مدايون ڇا جو هي تاب آهي.

3. تنهنجي ڪري فقيري هي حال مون بہ آ پاتو
اڪيون جگر ۽ جيرا ڪيو مون ڪباب آهي.

❁

پربنءَ کي ئي پل پل سندم ساهہ ساري،
سواءِ تنهنجي هتڙي گهڙي کين گهاري.

1. مثل آتشي شيشو پرينءَ جي پيشاني،
نظر سان نهوڙي کيائين دل ديواني،
ڏيان دانهن کنهن کي محب ويو آ ماري.

2. دکي دل منهنجي هي دانهون کري ٿي،
کري ياد هر هر هي آهون ڀري ٿي،
جدائي اوهان جي هڻي ڳاريو ٿي ڳاري.

3. 'غني' آهہ اوهان جو دلبر ديوانو
کريو ياد ياور وتان ٿو ويڳاڻو
نظر سان نوازي جڏي وڃ جياري.

❁

تنهنجي يار سري وئي، منهنجي ڪانه سري،
منهنجي ڪانه سري دلڙي دانهون ڪري.

1. انئي پهر عجيب اکين مان،
تريو آب تري.

2. سندئي صحبت لئي سهڻل سائين،
هيءُ هر هر محب مري.

3. 'غني' مري وئي اُها مدامي،
آئي جا عشق جي اري.

اسان جي حال تي هَلُ تون ڪري ڪو رحم رحماني،
جدا ٿي ڪين تون ڄاڻي ڦِٽائي يار ياراني.

1. وڃي ايڏا ٿو ڏينهن لائين وساري ڇو صنم سهڻا،
آهيون هنڙي ٻہ ٿي ڏينهڙا، مٺا دلبر دنيا فاني.

2. ساراهي ٿو گهڻو سيڪو ڏسي پنهنجي پيارن کي،
پين جا يار پل سهڻا، منهنجو تون لال لاثاني.

3. پراڻو ديس جو هيڙس، ڇڏي آيو 'غني' آهي،
ويس وسري سيئي سارا بڻايس درد ديواني.

همدم جي ٿو تون هلين هلين،
مـارين ٿـو مـنـٺـار اسـان ڪـي.

1. چورين ٿو پيو چاڪ اندر جا خوش ٿي جي ٿو ڪلين ڪلين،
مارين ٿو منٺار اسان ڪي.

2. رسڻ منجهاران يار پيارا مُحب اڪيون ٿو ملين ملين،
مارين ٿو منٺار اسان ڪي.

3. پر م وبهي برهہ جون باتيون سپرين جي ٿو سلين سلين،
مارين ٿو منٺار اسان ڪي.

4. پهريون ڏيئي پيار 'غني' ڪي پوءِ جي دل ٿو پلين پلين،
مارين ٿو منٺار اسان ڪي.

ناهي تو جھڙو ڪنھن جو يار پلي ڪري ڪوئي سينگار.

1. بادل بجليون وار پرينءَ جا، سدا مينگھ ملھار،
پلي ڪري ڪوئي سينگار.

2. لب صُراحِيون جام اکيون تِس، مئي پريل مئخوار،
پلي ڪري ڪوئي سينگار.

3. سج شرمائي چنڊ ڪومائي، ڪٽي جي نيڻ خمار،
پلي ڪري ڪوئي سينگار.

4. باغ و چمن خود بلبل چيھو ڪيئن گُل اڳيان ايندا خار،
پلي ڪري ڪوئي سينگار.

پرين ڏيو پَهائي نتو چو نيائي،
جدائيءَ جي بازي وِتو آ بنائي.

1. اسان جون هي آزيون، مجي کين نيازيون،
ڏئي برهه بازيون، سجڻ ٿو ستائي.

2. رڳو پيو روئان ٿو، سختيون سهان ٿو،
تڏهن ڪجھ ڪچان ٿو نٿو جو ڳالهائي.

3. پرين شال پرچن، منهنجا سُور سرچن،
محب مون سان مرڪن، مولا جي ملائي.

4. ’غني‘ جي غلامي، مڃ تون مدامي،
ٿيان ٿو سلامي، سهڻا سِر نوائي.

❁

هـيءَ دلـڙي تـو سـان اڙي آ اڙي،
اها خاص خوشيءَ ۾ ڪڙي آ ڪڙي

1. تنهنجو ملڻ هجي تنهنجو ڪلڻ هجي،
قرب انهيءَ ۾ ڪڙي آ ڪڙي

2. نـازڪ نـاز پـرور چـاڪـئـون،
جيـئري جدائي جـڙي آ جـڙي

3. لاهہ نـقـاب ڪـر تـون نـرواري،
سوزئون دل هـي سـڙي آ سـڙي

4. هتئون ڪين وڃائج 'غني' تون،
هرڪو هـتـڙي گـهـڙي آ گـهـڙي

❁

آءُ تہ ڳرهيون ڳالهڙيون،
اندر واريون ڳجهيون ڳجهيون.

1. دورئون هڻ نہ ديدن جون،
دلبر يار ڏُنالڙيون.

2. مست ومست بنايئي منڙا،
لالڻ لائي لالڙيون.

3. رحم كريو كوا كيون آهن،
انئي پهر آلڙيون.

4. ’غني‘ وسرن كين كي گهڙيون،
جانب سان جي جالڙيون.

❁

عين اڪيون تو سنديون مشهور ساري ملڪ ۾،
ناز ۽ انداز سان سي مخمور ساري ملڪ ۾.

1. ڪي محبت جا مُتل، ڪي قرب جا قائل ڪُٺل،
ٿا ڦرن عاشق سوين مجبور ساري ملڪ ۾.

2. هر جسم ۾ پاتم ليو آيو نظر ناهي ڪو ٻيو،
ناز پرور نينهن تنهنجو نور ساري ملڪ ۾.

3. هر حَسين تنهنجو نقل، ٻِيو سِکي علم و عقل،
سينگار تنهنجي جو صنم، دستور ساري ملڪ ۾.

4. اي سڄڻ سهڻا صنم، عرض آهي هڪ آهم،
چو 'غنيءَ' کي گُهور گهايو پور ساري ملڪ ۾.

❁

مل مون سان تون مل مونسان،
منهنجو ساهہ ٿو ساري پڪاري مل مونسان.

1. آيس روز ازل کان راڻا، تنهنجا محب مان سهندو ماڻا،
هاڻي در تان چڏ نہ ڌڪاري، پڪاري مل مونسان.

2. آهين نيه وارن سان نيڙي، الا نحنُ اَقرب ويڙهي،
اچ اظهر ٿي تہ اوتاري، پڪاري مل مونسان.

3. ڏاڍو تابش تنهنجي تايو، آهي سورن جو مٿان سايو،
'غني' ڪيئن غمن ۾ گذاري، پڪاري مل مونسان.

❁

مون سان نٿو ڳالهائي، دلبر خدا ٿو ڄاڻي،
ديدن نٿو ملائي، دلبر خدا ٿو ڄاڻي.

1. مغرور ڏاڍو آهي، پنهنجي حسن بي مثل تي،
هر هر پيو ڏئي ٿو عاشق کي داغ دل تي،
آهي ائين الائي دلبر خدا ٿو ڄاڻي.

2. بيدرد دار دنيا بيدرد هي زمانو
ڪاٿي اڏڻ نہ ڏي ٿو مون کي ڪو آشيانو
در در پيو رُلائي دلبر خدا ٿو ڄاڻي.

3. مجبور حال دل جو ڪنهن کي نٿو ٻڌايان،
نازڪ 'غني' آ ناتو پيو نيہ ٿو نڀايان،
پل پل پيو ستائي، دلبر خدا ٿو ڄاڻي.

❁

کنھن کان سکيو آن محبوب ماٺا،
جنھن جي کري اچي سُوزَ ساماٺا.

1. نازن مان تو جڏهن نهارين،
دلڙي ٿئي ٿي دلبر داٺا.

2. قسم خدا جو چين نہ آهي،
سک کيا هن سَندَ سَندَ ساٺا.

3. اڄ تہ اسان جا ڪاڏي الائي،
يارو خدا سَنھُہ خيال اڏاٺا.

4. 'غني' شل تون غمگين هوندين،
اهڙا ڏنا کي ماءُ اولاٺا.

هجان توکان پري پيارا نہ کو ديدار ٿو گھرجي،
آهي هي عرض عشق وارو رُڳو آزار ٿو گھرجي.

1. نہ مِلُ مونسان مٺا مارو مَٽان ڪاٽي مياري ٽئين،
نہ ڏِسُ مون ڏي نہ کِلِ مونسان اهڙو ئي پيار ٿو گھرجي.

2. هميشہ خوش گُذارين تون خدا توکي حياتي ڏي،
الله واهي اسان جو آ مالڪ مختيار ٿو گھرجي.

3. 'غني' گل جي محبت کان ڪنڊن جو قرب آ بهتر،
خزان ۾ خوش گذاريان ٿو نکي گلزار ٿو گھرجي.

❁

رمز رلائي راڻل سائين رَندن تي نہ رول،
ڊول منهنجا ڊول تو سان بڏل آهن ٻول.

1. اهي ڳالهيون ياد پون ٿيون جڏهن ڪيو هئي پيار نئون،
هاڻي وچي چو پري پرين ٿويا تہ ڪيو ٿي يار نئون،
منهنجي حال جا همدم هيرا خاوند ڪر نہ ڪول.

2. هاءِ زمانو زور ٿي ويو هڏ رت ڪي وئي آهہ لڳي،
ڪوئي ڪنهن جو ناهي سُونهون هر ڪنهن جي دل ٻڳي،
هر ماڻهوءَ کي پنهنجي پنهنجي دل جا آهن هول.

3. آهي جدائي موت برابر، ڪيئن اهو مان سُور سهان،
’غني‘ آهيان گهور جو گهايل، ڪيئن لالڻ توکي لهان،
تنهنجي صحبت يار پيارا آهي شيءِ انمول.

سُور ڏئين توڙي پُور ڏئين سانول سهنداسي،
الا سائين ڪين ڪي چونداسي.

1. زهر پيالو عشق تنهنجي جو پيارل پيئنداسي،
الا سائين ڪين ڪي چونداسي.

2. محبوباڻي مام پروڙي، مُوٺُوا مرنداسي،
الا سائين ڪين ڪي چونداسي.

3. واڍوڙين سان ويراڳين سين وِرهُه ونڊينداسي،
الا سائين ڪين ڪي چونداسي.

4. ’غني‘ مرضي ماڻا تنهنجا، مُحب مڃينداسي،
الا سائين ڪين ڪي چونداسي.

سڪڻ بنا نٿي سري، آھيان دوست اوھانجي ٻانهنِ ٻانهي.

1. اٿم اميدون ملندم مونسان محب اوھان لئي ٿي مري،
گھوريان گنوايان جنم جواني.

2. مُنج تون مُئي ڏي دوست دلاسو قرب مونسان ڪري،
پيارا پسائج پياري پيشاني.

3. ”غني“ اوھان جو آھي مياري، پرين ڪر نہ تون پري،
آءُ اچي ڪر اوڪيون آساني.

کهڙي دعويٰ ڪجي دلدارن تي،
الا حُسن وارن هوشيارن تي.

1. جن جي اک اٿيءَ ماريا مرد لکين،
ڪيئي ڦرن گهرن پيا فرد لکين، ڪيئي چاهہ چريا چوگرد لکين،
تيا چشمن جي چمڪارن تي......

2. سوين ساهہ سُکن پيا سونهن ڏسي،
سوين جگر جهرن پيا پيار پسي، سوين وحدت ۾ ويا ونگجي وسي،
سوين سوليءَ تي تلوارن تي، ......

3. سُهڻا ڪنهن جي ڪين نتا ڪاڻ ڪڍهن،
سهڻا ڪنهن کي ڪٽن نتا ساڻ ڪڍهن،
سهڻا برهہ جي ڏين تا ياڙ ڪڍهن، تِکا تيز "غني" تکرارن تي.

دوست جي دم ديد سان درمان منهنجو ٿي ويو.
من اندر ۾ محبوب اڄ مهمان منهنجو ٿي ويو.

1. درد ۾ دل دربدر هئي، سا ڪيئي قيدي قريب،
زلف جي زنجير سان، زندان منهنجو ٿي ويو.

2. سياهہ سنبل زلف سهڻا، مارَ جان مارن پيا،
ڪارڪاڪل جي ڪڙن تان قلب قربان منهنجو ٿي ويو.

احمر عجائب، اٿم تنهنجون اکيون،
بنا سُرمي سهڻيون، صنم تنهنجون اکيون.

1. جنون شوق ارمان ايمان الفت،
مون لاءِ قرآني قسم، تنهنجون اکيون.

2. ڪنهن کي ٿيون گهاين ڪنهن کي ڇُٽائن،
فراقي ڦٽن لاءِ مَلمَ، تنهنجون اکيون.

3. سچي تنهنجي صورت ڄڻ شاعريْ آ،
تنهن ۾ غزل شعر نظم، تنهنجون اکيون.

4. گدائي ’غني‘ ڪيو سورن سودائي،
درد عاشقانو الم، تنهنجون اکيون.

توسان سهڻل سائين سرڙو لڳي، توڙي لوڪ ڪٽي پو ڇا بہ چوي

1. توسان نازڪ نينهن نڀائيندس، پلئہ پاند پرين ٻڌل پائيندس،
اهڙي رمز راڻا آءٌ رلائيندس، چوندين پاڻ پرين آهين اڳ ڪان اڳي.

2. آهين ساهہ سان گڏ توڙي دور آهيان، نہ تو ملڻ ڻئي مجبور آهيان،
منا ٽنهنجي ڪري مشهور آهيان، ڪيو سوز وندو آهي سڪ جي سڳي.

3. سنڌئي سانول تنهنجا ٿورا ٿو ميان، توکان پيرو ڪوبہ نہ يار پڇان،
'غني' ڪاڏي پلا مان سهڻا وڃان، تنهنجي ترهي توهي ساهہ تڳي.

گُجر تنهنجي جدائيءَ ۾ جلي وئي جان ۽ جيرو
آهيان مدهوش محبت ۾، ورهہَ تنهنجي ڏنو ويرو

1. اوجاڳن ۾ اکيون ڳاڙهيون، جاڙيون پروان سدا سهٽيون،
مٿان تنهنجي محبتن جو سدائين گهوٽ هو گهيرو

2. مرد منصور تون نيارو سچي سنگت جو پرين پيارو
جهاڳي جهر جهنگ ايندو هئين، فقيراڻو ڏئي ڦيرو

3. ويراڳين سان تنهنجي دل هئي، مٿل هرهنڌ محفل هئي،
وسايئي سُڃ مئخانا، لڳائي درد جو ديرو

4. نئون ديرو رتوديرو نگاهن ۾ آ نئون شهرو
چتل شير شاهہ حبيب شاهہ کان پڇان، پيارا تنهنجو پيرو

5. هدايت تنهنجي گفتن ۾، محبت تنهنجي تن من ۾،
غلام حيدر غني سان مِلُ پَلائي جو ڪري پيرو

❀

هي وعدو ڪيو ٿي ننگي ننگ پالجان،
جانب جڏي سان گهڙي پل تہ گهارجان.

1. نظر تنهنجي سهڻا رهي شل سدائين،
چوان ڇا پيو مان آهين سِرَ جو سائين،
محفل ۾ منتڙا نظر ڪا ملائجان.

2. پلي رهہ رقيبن سان مڪيار آهين،
مگر تون قسم سان منهنجو يار آهين،
نہ جانب تون جيئري جُدا ٿي جلائجان.

3. زماني ۾ ڏاڍا مليا سُور آهن،
پلئہ يار پيارا پيا پُور آهن،
ڏسي غم 'غني' جو خوش ٿي کلائجان.

❀

جو هيئين جو هارُ هو، ها اُهو منتار هو.

بحرِ صورت باوفا هو، دوستيءَ تند تار هو
ها اهو منتار هو.

1. سنڌڙيءَ جي محفل ۾، مڙس مٽيادار هو
ها اهو منتار هو.

2. دوستن جي معامري ۾، هُو سراپا پيار هو
ها اهو منتار هو.

3. لمحو لمحو سارين تي، جو دِلي دلدار هو
ها اهو منتار هو.

4. پيئندي پيئندي جيئندو هو مئي پرست مئخوار هو
ها اهو منتار هو.

5. دنيا جي هَر غم سندو سوئي "غني" غمخوار هو
ها اهو منتار هو.

”سُر مارئي“

اباڻن جي آس، رهندي اندر ۾ عُمرِ پُڄاڻي.

1. وارِي تي ٽا وڃائن وهاڻا، تَنِ جي تَنَ کي تاس،
ملندا مونسان اڄ ياسياڻي.

2. سانگي سمهن ڏئي ٻانهن سيراندي، ويڙهيچين ويندياس،
آهيان انهن لئہ ويتر ويڳاڻي.

3. عمر ادا تون ڪر نہ اجايو ننگ پرايو ناس،
بيوس بند ڪري بندياڻي.

4. ڪَٽي ۾ ”غني“ پاليو پيڪن، نِنڊي ڪان ئي نراس،
هِتِ ڪيئن آءٌ رهندس راڻِي.

"سُر وهاڳ"

ڳـايـو راڳ وهـاڳ جـوڳـي،
جـاڳـي جـاڳ جـوڳـي.

1. اُيـري تـاري طـلـبـئـون طـالـب،
لا سـان رک تـون لاڳ جـوڳـي.

2. هـن دم پـاڻ پـريـن تـو ڳـائـي،
مـحـبـت واري مـاڳ جـوڳـي.

3. ڇڏ تـون ويـراڳـي ويسر غـفـلـت،
تـي سـويـر سـجـاڳ جـوڳـي.

4. ڪُـلـهـي پـائـي ڪـيـنـرو
ماڻ سـلـطـانـي سـهـاڳ جـوڳـي.

5. پـاءِ وهـاڳ ۾ مـحـويـت مُـغـنـي،
يـلـو ٽـيـنـدئـي يـاڳ جـوڳـي.

"سُر جوڳ"

جوڳي هئين جيئن، جوڳي هيئن جيئن.
سيني سوز جنين جي، وٺيون وِهُہ پيئن،
جوڳي هيئن جيئن.

1. جن تي فرض فنا جو، موتو مري جيئن،
جوڳي هيئن جيئن.

2. ڏئي جذبو جيءَ کي، جهوري منجهہ جُهرن،
جوڳي هيئن جيئن.

3. هڪڙي يار جي خاطر، لانگها سيِ لنگهن،
جوڳي هيئن جيئن.

4. سوجهي صاحب منجهہ سيني، غني غم نہ ڪن،
جوڳي هيئن جيئن.

" سُر جوڳ "

❀

جوڳي جُڳ جُڳ جيا، ويا وجودئون نڪري.

1. من عرف جي مام پروڙي موتو محو ٿيا،
ويا وجودئون نڪري.

2. ڇڏي هول هتئون جا لاحد پائين لِيا،
ويا وجودئون نڪري.

3. برسر باربره جا ڪنيائون خاصا خمار ۾ خِيا،
ويا وجودئون نڪري.

4. 'غني' غازي غير خيالون، پري نيئي پيا
ويا وجودئون نڪري.

" سُر جوڳ "

جوڳين جي جنسار،
ماءُ ويراڳن ماري آھيان.

1. سُنگ صوفين کان سوز پرايم،
عشق وڏو آزار،
ماءُ ويراڳن ماري آھيان.

2. سدا تن کي الف اندر ۾،
گهڙيءَ گهڙيءَ غمخوار،
ماءُ ويراڳن ماري آھيان.

3. ڏئي اشارو انالحق جو،
چئي ويا سِرُ سينگار،
ماءُ ويراڳن ماري آھيان.

4. ’غني‘ انهن جي گهوري آھيان،
هئي هئي آءُ هر وار،
ماءُ ويراڳن ماري آھيان.

"سرُ نوري ڄام تماچي"

سمن جو سردار، نوريءَ کي نت نياز کَنايو.

1. ڪينجهر ڪنڌين قرب ڪرايو، شاهي شيل شڪار.

2. محصول مڙوئي معاف مهاڻن، مڇي وجهن مار.

3. راءُ ريجهايو نوري نوڙي، پلو سو پوتار.

4. ٻيڙو ٻڌائين 'غني' گندريءَ کي، هاڪاري ڳل هار.

❁

تون ڄام تماچي شاهہ، آءُ تان گندري غربت ماري.

1. نالائق نوازئين ويچاريءَ جي واهہ، سونهين توکي سنڌڙي ساري.

2. نوري تي ڪر ڪا ستاري، نوري ناز نگاهہ، مون ۾ آهي بدبو باري.

3. ڪينجهر شال قائم هوندئي، سَما تو ۾ ساهہ، ڍڪِ ڏئي پاند 'غني' گينواري

”سُر مومل راڻو“

ماڙيءَ اٿئي ميندرو سوڍل سياڻو الا.

1. ونحن اقرب ويجهڙو گهر اندر گهاڻو الا.

2. مومل ڇڏ ماڻي کي، ريجهائي وٺ راڻو الا.

3. چڪيا چاڪ اندر جا، ڳجهو ڳاراڻو الا.

4. ائين ساهہ سڪي ’غني‘، جيئن ڪو ٻاراڻو الا.

راڻا مومل ماڻ، سوڍل سرت ڪري ڪا سياڻا.

1. ڪيئي مجازي موٺيا، مجين مومل جي آڻ.

2. ناتر تي رک تون نظر، ڏئي نہ ٻُلائي ياڻ.

3. پَٽَ جي ڪٽ هيٺ آ، ڪوهہ خطر جي ڪاڻ.

مومل راٹو

ڪاڪ ڪنڌيءَ تي سوڍل ساريان، آءٌ چڙهي چانگي،
آ چڙهي چانگي سوڍل ڪنهن سانگي وو يار.

1. نهاريندي رات وئي، ٻانگ ڏني ٻانگي وو يار،
سوڍل ڪنهن سانگي وو يار.

2. چڪيا ڦٽ فراق جا، نيهَن مُنيس نانگي وو يار،
سوڍل ڪنهن سانگي وو يار.

3. ڪانهي ڏيہ ڏسان تي، وِلهي مون وانگي وو يار،
سوڍل ڪنهن سانگي وو يار.

4. ’غني‘ ماريس مينڌرا، گلا جي گانگهي وو يار،
سوڍل ڪنهن سانگي وو يار.

"سُر ڪوهياري"

منهنجو تو ساهُہ سڪي ڙي سڪي الا،
جيجل ماءُ جتن لاءِ.

1. هينئون هوت هٽي ويا،
هتڙي ڪان تِڪي ڙي تِڪي الا،
جيجل ماءُ جتن لاءِ.

2. ڏئي ويا ڦٽ فراق جو،
چت اندر تو چڪي ڙي چڪي الا،
جيجل ماءُ جتن لاءِ.

3. جنهن ڪي نيه نهوڙي نروار ڪيو
سا ڪيئن لوڪئن لڪي ڙي لڪي الا،
جيجل ماءُ جتن لاءِ.

4. مانَ 'غني' مون سان ملن،
تن تو منهنجو تڪي ڙي تڪي الا،
جيجل ماءُ جتن لاءِ.

"سُر کوهياري"

پيهل پٽِ جي پار لَهُه ڪا سارَ.
سورن ساڙي سسئي.

1. ڦوڙائي نه ڦٽائيا، سڙيءَ جا سينگار، لهه ڪا سار.
سورن ساڙي سسئي.

2. ڏرڪون ڏوڻ آهيان، ڏاري ڪر نه تون ڏار لَهُه ڪا سار.
سورن ساڙي سسئي.

3. ميهڻون تو هيٺو ٿئي، ڏسي ڏونگر ڏار لهُه ڪا سار.
سورن ساڙي سسئي.

4. جهڙي آهيان تهڙي اوهان جي، 'غني' گنهگار لهه ڪا سار.
سوُرن ساڙي سسئي.

"سُر ڪوهياري"

هوت پنهونءَ جا پير، مون ري ڪير،
ووڙيندي وڻ ڪار ۾.

1. ڏئي ڏونگر ڏاج ۾، ڏکي ڪي ويا ڏير مون ري ڪير،
ووڙيندي وڻ ڪار ۾.

2. وڇوڙي تہ وڄائيا، پنيوري جا پير مون رِئَ ڪير،
ووڙيندي وڻ ڪار ۾.

3. 'غني' سڪ گهمائيا، گوندر وارا گهير، مون رئَ ڪير،
ووڙيندي وڻ ڪار ۾.

"سُر کوهياري"

ڏکيءَ کي ڏولاوا، ووڙي ٿي ونڊر ۾،
رُليءَ کي رولي وِيا ڇوريءَ کي ڇپر ۾.

1. آڏيءَ جو اُٿاري کيچي اُٺ قطاري،
صبوح جو ٿي ساري، ڏسي پير پڌر ۾.

2. مهٽن جي ماريل ۽ پورن جي پاليل،
نکا کيچ پهتي سا بي بي ٿي برَ ۾.

3. جبل روهه راڙو چريءَ کي آ چاڙهو
گهمي کيئن هي هاڙهو 'غني' غم گوندر ۾.

دردِ جگر ڏنو آ دلبر انعام ۾،
مون کي نمبر ملي ويو بهتر انعام ۾.

حاذق هڙيئي موٽيا مايوس ٿي هتان،
مونکي ڏئي بيماري بستر انعام ۾.

پياسو ڏسي پياريو مونکي پرينءَ پري،
سقراط جيان سراسر ساغر انعام ۾.

تنهنکي کهڙي ضرورت غم جي 'غني' پلا،
جنهن کي مليو آ سهڻو ستمگر انعام ۾.

جگر ماں تير ابروءَ جو نشان کان بي نشان نڪتو،
ويو بس هوش هيئن هونئن ٿي ڪٿان کان آ ڪٿان نڪتو.

ڏسي پرتل پيارن سان پيارل ٿي چوي دل هيئن،
رُٺل جنهن جو صنم سوئي، جهان ۾ بي جهان نڪتو.

وهي پيا سيف ابرن جا ٿيس مقتول ماں جڏهين،
ڏسي هي حال حيرت ماں هِتان ڪو آ هتان نڪتو.

ازل کان ابد تائين هي ڪري پورو نہ ڪو سگهيو،
مٿا مذڪور محبت جو بيان کان بي بيان نڪتو.

ٻڌائي ٿو 'غني' يارو، ٻڌو بس ڳالهہ آ ٿوري،
هيو جو پيار الفت سو دکن جو داستان نڪتو.

✍

خزائن جو هتي ڪونهي بهارن جو زمانو آ،
پراون جي نہ پرواهہ آ پيارن جو زمانو آ.

ڏکايل ڏيل آ جنهنجو انهيءَ تي رحم ڪو ڪائي،
دنيا چنڊ تي وڃي پهتي، سگهارن جو زمانو آ.

ٽڙي گلزار پيا آهن سڄي سنڌڙي سُڪي سائي،
اجايو ٿو ڏسين ڪاڏي نظارن جو زمانو آ.

پيهي پاتال ۾ وڃجي ڪنارا ڇا ڪري ڏيندا،
سمونڊن جو چيري سينو غواصن جو زمانو آ.

’غني‘ سي مالوند مارو وساريان ڪيئن پلا وسرن،
خوابن ۾ خيالن ۾ پنوهارن جو زمانو آ.

انتظاري آ نہ ڪائي بيقراري وئي هلي،
يار آ ياري ڪٿي يار ياري وئي هلي.

بس ڪريان بيحد صبر! ڇو تہ آهيان شوقوَرُ،
لُڪِڙ ڪُڇِڙ ڪوہ ڪونهي ننڊ نياري وئي هلي.

هو ڪري ٿو مون مٿان وانگي رقيبن ڇڱ پڇو
منهنجي تہ ڪنهن سان ناهہِ پيارا دل پياري وئي هلي.

نا ڪٿي آ جوش جنبش، نا ڪٿي ڪا قيل قال،
اڄ ڪٿي پوءِ هيئن ڇئجي آه زاري وئي هلي.

نا محرم مَحر ڏاري ڪئين پلا ممڪن ٿئي،
ڪنهن عزيزِ محترم جي غمگساري وئي هلي.

اي نگاهِ ناز نينان، ناز پرور مون پرين،
ڏينهن ٿيا ڪيئي ڏٺي ڇو قربداري وئي هلي.

دل ۾ تنهنجا رستا ٿا هيم،
ڏاڍا سهڻا سستا ٿا هيم.

دل جو نير اکين ۾ اوتي،
بادل برهه برستا ٿا هيم.

تنهنجي بزم سجائڻ خاطر،
لڙڪن جا گلدستا ٿا هيم.

توکي پنهنجي نان ڪرڻ لئه،
لفظ زبان بہ شِستا ٿا هيم.

تنهنجي رنگ ۾ رنگجڻ چاهيم،
رنگ سيئي سربستا ٿا هيم.

اڄ ڪلهه جي ڪا ڳالهه تہ ناهي،
رشتہ روز السـتا ٿا هيم.

خون جگر جا قطرا ڏيئي،
شعر ’غني‘ برجستا ٿا هيم.

مان فدا ٿيندو هئس مون تي فدا ٿيندا هئا،
مهربان مون تي سدا بحرِ خدا ٿيندا هئا.

اڳ بہ وحشي حملہ آور ٿيندا هئا انسان تي،
هينئن نہ هو قهر و غضب، جاني جدا ٿيندا هئا.

سر وڍائي سرخرو ٿيا پر نہ ويڪو ٿيا ضمير،
سالڪن جا گفتہ گوهر بي بها ٿيندا هئا.

هڪ نظر سان طالبن کي جو رسائي عرش تي،
اڳ تہ وک وک تي اُهي مردِ خدا ٿيندا هئا.

مرد مانجهين جي اشارن ۾ هئا سَوَ انقلاب،
راهہ خود منزل هئي جي رهنما ٿيندا هئا.

جانِ گلشن سير گلشن ۾ اگر مرڪي ڏنو
صدقي ٿيندو هو چمن ۽ گل ڦڪا ٿيندا هئا.

قيس ۽ ليليٰ جڏهن مڪتب ۾ هڪيئي کي ڏٺو
هر نگهہ سان وعدهء قالو بليٰ ٿيندا هئا.

هن خدائي ۾ خدائي جو خدا ڏسجي نٿو
دردمندن جو نہ ڪوئي ڇو پيلا ڏسجي نٿو؟

ڪيئن وجي ڪنهن ڪان پڇان مان يار جو پورو پتو
ساھہ سان آهي سڄڻ جاني جدا ڏسجي نٿو.

گل ڦري گُل خار ٿيا ۽ باغبان صياد ٿيو
اڄ قفس ۾ بلبلن جو همنوا ڏسجي نٿو.

آسمان تان سِرُ جُهڪائي ٿا ڏسن تارا ڪتيون،
ڪير لاهي ڏي اچي اهلِ رسا ڏسجي نٿو.

دولتِ دل پاند ۾ تو آءُ ڪٽيو گهمندو وتان،
بن رقم ڪوئي وٺي مردِ خدا ڏسجي نٿو.

هن زماني جي وفا آ بي وفائي ۾ لڪل،
تنهنجي ڪري اڄ اي 'غني' ڪو باوفا ڏسجي نٿو.

وصل جو آ وريو وارو خدا ڄاڻي تہ ڇا ٿيندو؟
لبن تي دم سڄو سارو، خدا ڄاڻي تہ ڇا ٿيندو؟

حسن ۾ شوق ٻئي گڏجي اچن ٿا اڄ اسان جي در،
لڳي ٿو عشق اوتارو، خدا ڄاڻي تہ ڇا ٿيندو؟

ڪرن پڙڪات ٿيون ٻجيلون ڏسان مان شور هر سُو ٿو
ڪڪائون گهر آهي يارو خدا ڄاڻي تہ ڇا ٿيندو؟

مجازي مام ۾ مرندي گُٽي، سڄي عُمر ساري پر،
وري ٿئي ٿو ٻيو اشارو خدا ڄاڻي تہ ڇا ٿيندو؟

فراقي ڦٽ ويندا ڀرجي، گدازِ دل رُسي ويندو
'غني' ٿيندو زخم ڪارو خدا ڄاڻي تہ ڇا ٿيندو؟

تنهنجي تصور جي آهي اڄ رونمائي ٿي وئي.
دل جي اندر ۾ ڪا اُن جي روشنائي ٿي وئي.

آبِ دل ۾ تون تري بيٺين ايئن ئي اي سڄڻ،
ڄڻ ڪنول جي ڪاڪ سان اڄ آشنائي ٿي وئي.

تو ڇيو منهنجو تصور جا بجا آهي سڄڻ،
مون پسڻ جي ڪئي پڪ پڪائي ٿي وئي.

تون جو ويٺين، سُن صفا هي ڪائنات آ ٿي وئي،
تون اُٿين تان آسمان جي رهنمائي ٿي وئي.

جهڙو اوهان جي آهي نيڻن جي ناب ۾.
اهڙو نشو ڪٿي آ شربت شراب ۾.

مرجان پان مهندي شرمائجي وڃن ٿا،
رنگت لبن جي ناهي گهري گلاب ۾.

هر ساز راز ۾ سندئي آهي ثنا پيارا،
سُر تار شاعري ۽ رندي رباب ۾.

تنهنجو نظارو آهي هر جاڳ خواب ۾،
منهنجي نظر رهي ٿي هر سُو حجاب ۾.

رخ تنهنجو يار پيارا، اسود ۽ ڪعبو آ،
زاهد لئه ڏوهه سارو مون لئي ثواب ۾.

ذاتي مثان صفاتي پهري هي پيرهن،
مظهر مثال ماڻهو نوري نقاب ۾.

محبوب آ ملاقي دل ۾ ’غني‘ دلارو،
ڳوليان وڃي ڀيو ڪاٿي ڪهڙي ڪتاب ۾.

اجان ڪي منزلون شايد ڏسي هي ڪاروان منهنجو!
انهيءَ آهہ ڪيو رُسوا بنيو جو رازدان منهنجو!

نڪي ڪي ديس جا دلبر رڳو بس ويس پهرينديون
غلاميءَ ۾ ڪنذي خوشيون ڏنم پيرو جوان منهنجو!

پراڻا ٿي ويا رشتا پراڻا پيار ٿا ڏسجن،
نڪي مهمان ڪو منهنجو نڪي ڪو ميزبان منهنجو.

غني غمخوار ڪونهي ڪو پراڻو پيار ڪونهي ڪو.
زماني ۾ سواءِ توکان نہ ٿيو ڪو مهربان منهنجو.

(شوڪت بخاريءَ جي ياد)

تو جهڙو جڳ ۾ شوڪت، تصور نٿو ملي.
تصوير بنائيندڙ مصوّر نٿو ملي.

هيرا لکين جواهر هت ٿا ملن مگر،
تو جهڙو جڳ ۾ جاني گوهر نٿو ملي.

دريا بہ آهي ساڳيو ساوڻ بہ آيو آ،
سهڻي بہ آهي ليڪن ميهر نٿو ملي.

شاعر تہ ڪوڙ آهن سنڌڙيءَ ۾ ڪيترا!
شوڪت بخاري جهڙو شاعر نٿو ملي.

جيڪو هتان وڃي ٿو موٽي نٿو اچي،
ڪيڏو بہ وس ڪجي پر آخر نٿو ملي.

’عبدالغني‘ کان تخيل هرگز نٿو هَلي،
افسوس چو تہ اهڙو منظر نٿو ملي.

✍

ڪيئن تہ زمانو ٿي ويو آ ۽ ڪيئن تہ فسانو ٿي ويو آ،
ڪوئي ڪنهنجي پيار جي خاطر، هاءِ ديوانو ٿي ويو آ.

مان بہ مسافر تون بہ مسافر ساڳي پنهنجي جي منزل آ،
قسمت سانگي سهڻل سائين برهہ بهانو ٿي ويو آ.

پيءُ ۽ پُٽَ جو جهيڙو جاري، دوست پريںءَ جو دشمن آ،
ياءُ سان ياءُ جو پيلو منهن ٿيو پنهنجو بيگانو ٿي ويو آ.

روشن اڪيون سهڻا تنهنجون، درد بہ دل کي بخشين ٿيون،
گهايل دل جو مالڪ عاشق نيهن نشانو ٿي ويو آ.

مونکي تصور تنهنجو آهي تنهن ۾ ’غني‘ مان گم آهيان،
هي حياتي ياڻيانِ ٿو جڻ خواب سُهانو ٿي ويو آ.

دل لڳي جنهن کي ڇيم پئي سو برھ جو بار ٿيو.
ڇا منجهاران ڇا ٿيس، اهڙو ورھ جو وار ٿيو.

ڏس دلِ غمناڪ توکي ڇا ڪڏهن مون ٿي ڇيو
جو هيئنئن جو هار هو، سو ئي اج اغيار ٿيو.

ميڪده رندان ڏسي جنهن پئي نفرت ڪئي،
تو ڏسان خود پاڻ هو، ساقي و مئخوار ٿيو.

ويا ڇڏي ميدان کي، غازي هئا جي غير سي،
اج رقيبن ساڻ اهڙو تيغ ور تڪرار ٿيو.

آءٌ جي هتي نہ هوندس منهنجو خيال هوندو.
تو ساڻ منهنجا همدم، شامل سو حال هوندو.

جڏهن جتي ٻہ مچنديون، ڪچهريون ڪي قرب واريون،
اُتي ٻہ آءٌ هوندس وٽي نہ وال هوندو.

محبت منجهہ مدامي، موتو مري ڏنوسي،
تنهنجي ڪري هميشہ قائم ڪمال هوندو.

سُهڻن ڪي سنهُ خدا جو هئي هئي لبن تي هوندي،
عاشق مزاج ڪي ٻہ منهنجو ملال هوندو.

دنيا هوندي اها ئي ليڪن غني نہ هوندو.
آخر فنا فنائي، ليڪن غني نہ هوندو.

قربئون قبر تي ايندين، هڪ لحظہ لاءِ توڙي،
جور و ڇڏي جفائي، ليڪن غني نہ هوندو.

مون راهہ ويندي منزل، پنهنجي ڏسي ڇڏي،
وري وڃڻ اجائي، ليڪن غني نہ هوندو.

هڪ مشتِ خاڪ آهيان، هڪ روح پاڪ آهيان،
بازي خدا بنائي، ليڪن 'غني' نہ هوندو.

بي راهه راهي آهيان منزل نٿي ملي.
جنهن ۾ سڄڻ هجي سا محفل نٿي ملي.

جنهن سان هئي چمن جي رونق مِٽي مِٽي،
بيتاب سا ڏسان ٿو بلبل نٿي ملي.

ڳوليان ڪٿان جگر کي آهي ذرا ذرا،
دلبر ڪٿي ويو جيڪا سا دِل نه ٿي ملي.

ڪيئي گهمن ٿا مجنون ۽ قيس پيا هتي،
باقي سا ليليٰ واري محمل نٿي ملي.

هيءَ حالِ دل جنهن سان اوريان 'غني' ڪٿي،
محبوب جي مورت مقابل نٿي ملي.

نظر ۾ حسن جا نظارا ٿا جهومن.
پرين پيار وارا پيارا ٿا جهومن.

لهرن جا لهرا، هوائن جا جهوٽا،
ڏسي موج دريا ڪنارا ٿا جهومن.

تصوير هن جي هئين ٿي هُري ٿي،
پاڇا پرين جا اشارا ٿا جهومن.

رفيقن رقيبن جو ٿيس آءٌ سلامي،
'غني' جي خوشي جا سهارا ٿا جهومن.

تون ڪٿي تنهنجو ڪٿي آ آشيانو ياد ڪر،
ڇا هئين ۽ ڇا ٿيو آن داستانو ياد ڪر.

خيال ڪي رک خيال ۾ خيال ۾ آهي خيال،
جنهن وقت هئين خود خيال تون سو زمانو ياد ڪر.

سوز جي صفات ۾ ذات جو آهي ظهور،
حسن پنهنجي تي ٿيو آن ڇو حيرانو ياد ڪر.

ٻڌجي آئين آدم خدا، آدم خدا ناهي جدا،
برھہ باطن جو آهين تون نيهن نشانو ياد ڪر.

اوچتي اڙجي وئين ڇو پاڙ تي مشتاق ٿي،
”غني“ سهين ٿو دمبدم سوزِ نهانو ياد ڪر.

سوز غم ويو آ وڏي ھاءِ ڇا ڪجي؟
جانِ من اڄ ويو رُسي ھاءِ ڇا ڪجي؟

ديس ڪي پرديس پايان ٿو پرين،
جھٽڪ ڏئي ڪنھن دل ڪسي ھاءِ ڇا ڪجي؟

رَڙ وئي نڪري رقيبن کان ائين،
منھنجي ڏسي ھي بيوسي ھاءِ ڇا ڪجي؟

گم خيال يار ۾ آھيان ”غني“
بي نہ گھرجي زندگي ھاءِ ڇا ڪجي؟

وايون

وائي

ٽڙ ۾ ڪيئن رهن الا او منهنجا ماروئڙا.

پرڏيهن جي پيهه ڏسي، ڏيهي روز ڏکن،
الا او منهنجا ماروئڙا.

جيڪي ڏرتيءَ سانديا آهن تن، ڪوئلن منجهه ڪڙهن،
الا او منهنجا ماروئڙا.

پنهنجن گهر گهتين گسن ڪي، اوپرن جيئن پسن،
الا او منهنجا ماروئڙا.

اڳتي الائي ڇاهي ٽيٽو چيڙن منجهه چَونِ،
الا او منهنجا ماروئڙا.

نيٽين ننڊ وڃائي ويٺا، ڪِين ڪين پِيَنِ،
الا او منهنجا ماروئڙا.

’غني‘ غم گوندر جا گهايل، يٽن پاس پُٺن،
الا او منهنجا ماروئڙا.

بوندن لايا بهار، عمر اباڻي پار ڏي الا.

ٿڌيون واريون، پٽن تي بهاريون، ٿري ڪيڙا ٺار،
عمر اباڻي پار ڏي الا.

هرسُو آيا ڪڪر هي ڪارا، موج ڪئي ملهار،
عمر اباڻي پار ڏي الا.

وسن شال ويڙهيچن جا، ڌڻ چاريندڙ ڌنار،
عمر اباڻي پار ڏي الا.

نيٺ تہ ڪوٽ بہ ڪرندا ڪارا، ڏسان پنهنجا پنوهار،
عمر اباڻي پار ڏي الا.

'غني' هِت آءُ ڪيئن گذاريان، هُت وسن وسڪار،
عمر اباڻي پار ڏي الا.

وائي

پيهي مونکي پس الا وو، کھڙي لڳئي ٿي ڳسُ.

کس ڪري نہ وڃ ڪَسي، دل ڏئي دلڙي ڪس الا وو،
کھڙي لڳئي ٿي ڳسُ.

ترس ڪري تون اچ، اچي هڪڙو پل ئي ترس الا وو،
کھڙي لڳئي ٿي ڳسُ.

جيئڙو عشق جلائيو ساجن، بادل بڻجي برس الا وو،
کھڙي لڳئي ٿي ڳسُ.

جلدي رَسُ رُلي، ڪي ڪر رهاٽيون رس الا وو،
کھڙي لڳئي ٿي ڳسُ.

واجهايان ويٺي سدا، 'غني' تنهنجو ڳس الا وو،
کھڙي لڳئي ٿي ڳسُ.

وائي

✤

جنهن جي تنْد تنوار، سڄڻ آيو سپرينَ.

جيڪا هئي جيءَ ۾، سائي لڌئين سارَ
سڄڻ آيو سپرين.

ڏينڊو ڏکويل کي، ٻاجهہ ٻُڪي ٻيهار،
سڄڻ آيو سپرين.

چڪائي جنهن چاهہ جي، لالڻ لنوَ لغار،
سڄڻ آيو سپرين.

والي واري آئيو 'غني' مُحبُ مَهار،
سڄڻ آيو سپرين.

وائي

آ وس ويڙهي يار، تو بن منهنجو جيئڻ ڪهڙو.

آهيان نماڻي عيبن هاڻي، روئان زارئون زار،
تو بن منهنجو جيئڻ ڪهڙو.

ڇپر ڇولي روهن رولي، آهيان منجهہ آزار،
تو بن منهنجو جيئڻ ڪهڙو.

ڪرم ڪري ڪو رحم ڪري، ڪو منهنج عيب اپار،
تو بن منهنجو جيئڻ ڪهڙو.

’غني‘ غمن سڪن، ڏکن ۾، آهيان تو آڌار،
تو بن منهنجو جيئڻ ڪهڙو.

سرائكي كافيون

"تاج پوشي سيد جان محمد شاهہ جيلاني گادي نشين درگاهہ انباهہ"

سِرِ تي تاج فقير ٺهندا، جان محمد شاهہ دا انباهہ دا.

1. قطري قطري آپي وسدا، مالڪ ساهہ پسلهہ دا انباهہ دا.

2. شڪل شڪيل شاهانہ شاهي، والي ٿيا وهواهہ دا انباهہ دا.

3. نوري نين حضوري هردم، ناظر نيهُن نگاهہ دا انباهہ دا.

4. سائين بگن دي صورت ساڳي، ڪامل قرب ڪلاهہ دا انباهہ دا.

5. تاج محمد شاهہ ولايت، والي شاهہ ويساهہ دا انباهہ دا.

6. شهنشاهہ ۽ ميران سائين، ماهي منور ماهہ دا انباهہ دا.

7. قادر پير حق موجود سدا، صفت فقير فقراهہ دا انباهہ دا.

8. شير علي جو شان نرالو فالم فتح درياهہ دا انباهہ دا.

9. پير محمد محسن علي شاهہ، دائم دم درگاهہ دا انباهہ دا.

10. ثمر علي اياز الاهي، بالا بگن شاهہ دا انباهہ دا.

واھہ راٹل رنگ رچايا، مَنُ حيرت وچ ھئي آيا،
رَل مِل راز دَرُوني رمزي، اپنا آپ چُپايا.

1. پھلون آھا لامڪاني، ھڻ بڻيا ھئي جاءِ مڪاني،
حقُ الحقُ ھئي يار حقاني، آنا الحق الايا.

2. بار غماندا سر تي چايس، چولي عَبدي وچ نہ مايس،
انا احمد ايوين آکيس، سڀ تون يار سوايا.

3. خاڪ دا پتلا ٻوليان ٻولي، پتلي ڏاڍا کيلڙا کيلي،
تول اھا ڪوئي دانا تولي، دل دا بن ڪي دايا.

4. ڪول ڪتاب ملان ڪوڙا، ذڪا ماھي من دا موڙھا،
سيني دا تون بن نہ سوڙھا، صورت صاف سمايا.

5. غازي مرد 'غني' تي آوين، پير نہ پڇتي ھڪڙا پاوين،
اياز بن 'محمود' ملھاوين، چوڙڪي ملڪيت مايا.

صورت پرستي دين اساڏا، ساجن آپ الله.

1. آپي اُونها آپي تانگها، آپ بحر هئي آپ ملاح،
ساجن آپ الله.

2. جلوه يار دا هر جا ظاهر، توڙي مسجد مندر گاهہ،
ساجن آپ الله.

3. 'غني' اولي عبد دي آيا، جيوين بادي وچ سورج ماهہ،
ساجن آپ الله.

❀

مين راهنما تي رهبر هان،
مين طالب اندر ٻاهر هان.

1. مين اعليٰ اطهر اڪبر هان،
مين خاڪ وخس تي ڪمتر هان.

2. مئن باغ و بهشت تي باز هان،
مئن بحر جهنگل تي برتر هان.

3. مئن دلڙي نازڪ نادر هان،
مئن ماڙِ معشوقي منتر هان.

4. مئن تيڪ ڪميندي آذر هان،
مئن ’غني‘ گهورا گهر هان.

مئن مسجد ممبر مندر هون،
مئن ڪعبا دل دي اندر هون.

1. غريب نواز غريب هان مئن،
ايوبن حاتم طائي سڪندر هون.

2. ڪڏان ڪَسي قلزم والي هان،
ڪڏان سارا سود سمندر هون.

3. ڪڏان ڪُن ڪلاچي والا هان،
مهراڻ ڪينجهر دا منظر هون.

4. ڪڏان خوش خرم تي خاور مين،
ڪڏان غم 'غني' تي گوندر هون.

لنگھہ لاھوتي لولاک ويندي،
اھي عرش اُتي افلاک وبندي

1. دم انا الحق دا مارن او
ٺٽ پوندي دوئي دي دام سيو
سٽ سولي سر بيباک ويندي

2. وڄ پوندي ملک امانَ گني،
چٽ پوندي ڏُوھين جھان گني،
سڀ چوڙ علم ادراک ويندي

3. جٿان نيه والي نئي وھندي اي،
اُٿان ديھي ڏم ڏم ڍھندي اي،
ساري اسم جسم لُڙھہ خاک ويندي

4. جڏان عشق ماھي دا آوندا ھئي،
کر جذب جلال جلاوندا ھئي،
'غني' گم تي غازي غمناک وبندي

❁

عجب ڏنو سي اعليٰ، ڳيا سارا سُرت سنيالا،
آدم دي وچ آپي آيا، والي ولايت والا.

1. سئين سئين رنگ سَروپ سُروري، موهن دا مُک مئي مخموري،
ڏيکي نين نظارا نوري، مين هويا متوالا.

2. مرشد سارا سئير ڪرايا، ميڪون چقمق وانگون چايا،
پير پريم نگر وچ پايا، بانورا اي مَنُ بالا.

3. ڪتان ملان ڪور ڪتابي، ڪتي مست و مست شرابي،
ڪتان دانا ڪتان دولابي، هر رنگ وچ رنگ نرالا.

4. گهير وحدت وچ 'غني' غازي، وسر ڳيا هئِ حال ڪيا ماضي،
برهه بڻائي واهه دي بازي، چوڪا چلڪي چالا.

خوشيان ڀُل ڀُل ڳئيان، آيا عشق آفات.

1. لڳڙي چوٽ نينان دي، پلپل روئندي پيان.

2. صبر نهين ڪوئي سڪڙا، نوڪان نيه ديان نَيان.

3. الله ميلي دل دا، ’غني‘ سڄڻ سئنيان.

هر جا باغ بهار آ مل سانول يار

1. چيمي پپيهي ڪوئل ڳُوڪي سڄ وي پياري پڪار

2. رُت بسنتي ڳاوي ونتي، واه گل و گلزار.

3. سنڌوُ ڪناري نيه نظاري سنڌڙي جيوي سؤ سؤ وار.

4. ’غني‘ دا اي عرض اگهاوين، محب ميڏا منتار.

هڪ ديد ويڪو ڪا عيد ڪران،
پوري آس اندر دي اميد ڪران.

1. لُٽ نال نينان دي نيتا هئي، ڪيها قرب ڪُٺِي اُتي ڪيتا هَئي،
ڪر مهر و وفائي مئن اپٽي تقدير دي ڪا تدبير ڪران.

2. مئين چريائي دي هان چوٽ پرين، تون الف دي اولي اوٽ پرين،
نهين پيا جيءُ ڪريندائين قوٽ پرين، لڳا نيه پلا ڪيوين ننڊ ڪران.

3. 'غني' يار آوي تي بهار آوي، ميڏا دلبر تي دلدار آوي،
ويڪان مُحب مٺا منثار آوي، اهين برهہ باري ڪون بعيد ڪران.

واھہ سئر ڪيتم سلطاني ھر صورت وچ سبحاني،
وحدت دا ويساھہ جو آيا اوٿ ڳئي انساني.

1. عشق آتل آرام وڃايا، ويس فقيري مين جو پايا،
سُولان دا ھويا سؤ سؤ سايا، برھہ ڪيتا برياني.

2. پيرِ مغان دا حسن ھزاري جنھن بخش ڏتي ھوشياري،
چشمان دي چمڪار چوڏاري، عشق ڪيتي احساني.

3. نورِ الاھي ڪيتا اشارا، سينا ساڏا بندر دُوارا،
'غني' اساڏا وريا وارا، لاشڪ ھون لاثاني.

❁

جنبش جوش جڳاوين ول آوين تون يار ميڏي در،
يار ميڏي در، دوست ميڏي در.

1. نال نماڻي کهڙي ماڻي، پوري ڳُون تون پاوين،
ول آويـن تـون يار مـيـڏي دَرِ.

2. مُنڙا عشق دا مئن هان ماهي، سوز فراق سکاوين،
ول آويـن تـون يـار مـيـڏي دَرِ.

3. اکيان دي وچ يار اساڏا، آويـن مـول نـہ جاويـن،
ول آويـن تـون يـار مـيـڏي دَرِ.

4. گهايل دل هِئِي يار ’غني‘ دي، گهورين نال کيون گهاوين،
ول آويـن تـون يـار مـيـڏي دَرِ.

❁

مــيــڏي دل دي دلـــبــر آون، مــن كـــون پـــاون،
آون تـــي غـــم كـــاون.

1. كجليان كجليان يار ميڏي ديان، چشما چيتك لاون،
آون تـــي غـــم كـــاون.

2. زلف بسيهر لب لال گلابي پروون مـن كـون پـاون،
آون تـــي غـــم كـــاون.

3. ’غني‘ كون پر نال نينان دي، جم جم جام پلاون،
آون تـــي غـــم كـــاون.

✿

ڪڏهان ماندا هون، ڪڏهان ماندا هون،
ڪڏهان آوندا هون، ڪڏهان جاوندا هون.

1. انسان ڪڏهان، رحمان ڪڏهان،
اِهين ورد ڪنون نہ واندا هون.

2. ڪڏهان هان ڪلونت مئن صوفي،
ڪڏهان چير ڪون پا چمڪاوندا هون.

3. ڪڏهان گيتا "غني" قرآن پڙهون،
ڪڏهان رِندي رَمز رلاوندا هون.

ثیصاه

اکریون

ٽيھہ اڪري

فراق نامو

الف: اوھيڙا ڪيون، نيڻ وھائن نار،
غمن منجھہ غلام جي سجڻ لڌي نہ سار،
ويسند ناھي وار، ڏک ڏھاڙي ڏيلَ ۾.

ب: بس نہ ڪن، نماڻن جا نيڻ،
تن جو تاب حسن ۾، مَنُ مُسي ٿيو ميڻ،
ويچارن کي ويڻ، سيڪو سٽائي پيو.

ت: نہ توھان ڏار، دل ڪر ڪري تانگھہ،
آءُ پيارل اوري تون، سُري ڪنھن تہ سانگ،
مُتلِ مُئن وانگ، توريءَ گھاري ڏينھڙا.

ث: ثابت سور، پلڪ نہ گذري پِرَ ريءَ،
جھوري ڪيو جُھور، جوين جوانيءَ کي.

ج: جدائي جاني، مون سان مُورُ نہ ڪريو
جا قرب ھنئي ڪاني، تنھن چيري دل چاڪ ڪئي.

ح: ههڙو حال، جو ڏيلئون ڏک نہ نڪري،
منهنجي مڏي مال، پرين پسڻ تنهنجو.

خ: خيال خواب، ڦوڙائي ڦِتائيو
ڪيو مونکي ڪباب، سندئي گهور 'غني' چئي.

د: درد وندي دل، ڪري دانهُن متي دانهن،
ٻيلي لاهِ نہ ٻانهن، فراقي فقير تان.

ڏ: ذرو ياد نہ ڪرين، جا يار رکيئي ياري،
آهيان محبت جي ماري، پرچائيج پرين اچي.

ر: ٻڌين نہ روڄ، سورن سندا ساز.
نماڻن سان ناز، نازڪ نہ ڪجن نيہ ۾.

ز: دل تي زبرو، تنهنجي پُورن جو پيشُ،
درد ڪيو درويش، هجر منجهہ هٽي ڪري.

س: سونهن سندئي سنهڙا، آهِ رڳو لئي مارڻ،
اڪيون تنهنجون عجيب، آهن ڪهڻ جو ڪارڻ،
پرين نا پارڻ، وعدا هُوجي وصال جا.

ش: شوريل اکيون تنهنجون، شيهن وانگر چِريل،
کٽي تون خمار مان، مارين ٿو ماريل،
وار تنهنجا واريل، وارا ڏئي وڙهن پيا.

ص: صبر نہ اچي، نيهَہ نهوڙي جندڙي،
ڪيئن هي روح رچي، آڳ اندر عشق جي.

ض: ضرورت زورِ، تنهنجي دم ديدار جي،
محبوب منهنجو مورُ، مٺائن ڪان پيي مٺڙو.

ط: طلب تات، پسڻ لاءِ پرين جي،
جڳ پانيا جبلات، تو بن منهنجا ميندرا.

ظ: تون ظالم، ٿي ڪيو زور ظلم،
ڏئي سوز صنم، ڦريئي دل فقير جي.

ع: عياني ڪري ياري رکيئي يار،
آئين ڪين بيهار، غمگين هن "غني" ذي

غ: غم نہ نکري، اندر مون اُونهون،
قرب تو ساڻ ڪهنو آهِ عبدالغني جو.

ف: فقر فڪرات راتو ڏينهن راڙو،
پرين مون پاڙو ڪڏهن چڏج ڪينڪي.

ق: قرب قريب، تو سان آهي توڙ ڪان،
نيه ڪندو نصيب، پاڙو تو پرين جو.

ڪ: ڪرامت قرب اسان لئہ دلبر جو ديدار،
ڏٺي ڪري نہ ڏار، مونڪان مون پريتڻو.

ل: لنوَ لڳي توسان توڙئون تو طلب،
ٿيو ساهہ سَلب، سهٽل تنهنجي سڪ ۾.

م: ٿيس موڳو سالين سُڪَ نہ سنبران،
اندر عشق اوڳو دم اندر ڏڏڪا ڪري.

ن: نيہ نہ نبري، ڦُريل هن فقير،
اندر منجهہ اُڪير، آهي تو پرين جي.

و: وار وري، واڳون يار وصال جون،
تورِي پئي هِري، مُٺي مونجهارن ۾.

هہ: ڪيوَ هيڏو تنهنجي جانب جدائي،
عجيباتون اجائي، ڪرين ماٺا مُٺي سان.

ي: يڪو نہ وڃي پرين پار گذار،
ڏاريل يڪوئي ڏار، قتيل هئي فراق جي.

ٽيھ اکري

الف: آھہ اڙي، توسان دلبر دلڙي،
ازلئون ناتو نيه جو، پيل قرب ڪڙي،
'غني' چوي گوندر جي، گذري تان نہ گهڙي،
ڏئي ڏک ڏڙي، وساري ويھي رهين.

ب: بار برھہ جو ڪٽي، پيم چيلھ چِڪي،
نڪي پرين آئيو نہ ميار ئي مُڪِي،
ديھي درد فراق ۾، ڏکن منجھ ڏَڪي،
ناهيان سگھُ سَڪِي، تڏهن ور وساريو.

ت: تَپ نہ تاءَ، آهيان فراق ڦٽي،
دلڙي درد وندي جي، تنهنجي قرب ڳڻي،
برھہ سان ڪاهِ پئي، تہ ويجھو ٿئين وصال ڪي.

ث: سوز ثواب، سَھَڻُ ڪارڻ سپرين،
وٺ دامن درد جي، جو آھہ نيه نواب،
اڪين منجهان آب، هارِ تہ ملين هوت کي.

ج: ڏي جواب، ڇڏ وجود وساري،
وڃارو تي وحدت جو، ڇڏ خودي کي کاري،
پوءِ ساري سنياري، لهندئي سارَ سيد اچي.

ح: حيران هرهنڌ کيو، سندي هوت هجڻ،
اڳ نہ ڏٺو مون کڏهين، قلم جو ڪڙڪڻ،
وحدت جن وجود ۾، تنين نيه نِمڻ،
سڏڙيائپ جو سڪڻ، اي پڻ غير 'غني' چوي.

خ: رک خبر، خير واري خيال جي،
نظر ڪڻ نماڻي تون اُتيءَ ويٺي دلبر،
آب توڙي آبر، پڇاڙِڻ ۾ پاڻي ٿيو.

د: ديد دروني پائي پسج پنهنجو پاڻ،
سچڻ تو سان ساڻ، ناهي پري پريتڻو.

ذ: ذري ذوق جي، دنيا ڪئون ڪيو ڏُور،
سسئي ءِ سُور، بيلي ٿيا هڪ بئي جا.

ر: رمز پرين جي، روحي آهِ راحت،
عشق جي امانت، پسڻ تنهن پرينءَ جو.

ز: زبر زير، پيش جزم بہ پاڻ،
پنهنجو ويجائي ڄاڻ، ڄاڻ انهيءَ ڄاڻ کي.

س: سوز فراق جا، دل متانران داغ،
مون لئہ بهار باغ، اڏما عشق اندر جا.

ش: شور چڙي ماڻ مَن اندر جي مات،
اندر ناهہ اڻاٽ، سمنڊ سمايو سُور جو.

ص: صبر سورُ سان، نيائج ناتو،
اندر اوراتو هجي، سدا سڪ سوز جو.

ض: ضايع نہ ڪر عمر پنهنجي افراد،
رکي شوق شهيدن جو دل کي ڪر شاد،
"عبدالغني" آباد، سڪ سدائين سيّد جي.

ط: طلب توحيد جي سيني منجهہ سماءِ،
جتي جانب نہ هجي، اهڙي جُوءِ نہ جاءِ،
پُرجهي پرتئون پاءِ، قدم ڪاپڙين جيان.

ظ: سڀ ظلمات، سواءِ عشق الله جي،
اصل ڪان ئي آهي قائم سندس قدرت،
اها ئي عبادت، سڪ سيّد پاڪ جي.

ع: عين ٿيو جت ڪٿ مون جاني،
لالڻ لاثاني، لا و الاّ پاڻ ٿيو.

غ: غير نہ آهي جو پسين سو پاڻ ٿيو،
نيہ بنا ناهي، جيئڻ همڙي جڳ ۾.

ف: جي فنا ٿيا، سيئي باقي بقاءُ،
الله نور سماوات والارض آهي لالڻ جو لقاءُ،
اها صاحب جي سخا، جيئن جو سمايو سِيَّ ۾.

ق: تون قريب رڪ نماڻيءَ ننگ،
سائين توسان سنگ، آهي روز ازل ڪان.

ڪ: مون ڪريمَ، نوازج نگاه سان،
پاڪ تون پريم، ڪر سڻايون سيدا.

م: ٿي محبت، پنهنجي پنجتن پاڪ سان،
سهڻي ٿي صحبت مون لاءِ پاڪ فقير جي.

ل: لعل لبيسُ ڪري ڪوهيارو آ ٿيو،
باقي خام خبيس، وهم وچان ويو نڪري.

ن: نياز نماز سان اچي ٿو الک،
معنيٰ واري مِک، ناھہ منجهان نروار ٿي.

و: تون وِرھَہ سان، چئو حق موجود،
سيّد سدا موجود، احمد ٿيو احديت ۾.

ي: ٿيو ياقي احد احمد پاڻ،
سائين تو سان ساڻ، سڄڻ ساھہ پساھہ ۾.

ٺيهہ اکري سُر جوڳ

الف: آديسن کي، سيني ۾ ٺيو سُورُ،
محبت ماري موڳا ڪيا پل پل ۾ تن پورُ،
اٿئي پهر اداس ۾ چارئي پهر چور،
جُهري ٺيڙا جُهور، ويا وجودئون نڪري.

ب: بار بره جو ٺين باري بيپرواهہ،
ووڙبندي وجود ۾، سُڪي وَين ساهہ،
واهي ٺين الله، ويا وجودئون نڪري.

ت: تات تنين، هيڪڙائي جي حق جي،
جدا ڪيو جنين، ٻيائي واري ٻَک کي.

ث: ثابت سوز ۾، نہ گناهہ نہ ثواب،
وحدت جي ويڙهہ ۾، ڪڙهي ٿيا ڪباب،
جوڳين جو جواب، نا مُيسر ملڪ ۾.

ج: ڪمائن جوڳ کي، جوڳي سي جاني،
جَپِن نام گرو جو گيان ڪري گياني،
ڏيان منجهہ ڏياني، دائم رهن دوسَ سان.

ح: پنهنجو حال، ٻڌائن نہ ٻين کي،
اُتي وڃي اڙيا، موٽڻ جتان محال،
فنائي واري فهم سان، ماري خوديءَ خيال،
جانب جو جمال، پسي پوربي ٿيا.

خ: کائن خارَ کي، کيا جو نيهَہ نرم،
محبت مٽين تن ۾ قربت ۽ ڪرم،
ڀاري جن ڀرم، ويا وجودئون نڪري.

د: درد دائري، منجهان نہ منهن ڪين،
سيني ساندي سڄڻ کي، سنياسي سُونهن،
پچارُون پرين، ٻي نہ ٻولن ٻولڙي.

ذ: ذڪر ذات جو فڪر سين قولهين،
لا مقصود اللهُ ڳجها ٿي ڳولهين،
’غني‘ سُر گهورين، ويا وجوئون نڪري.

ر: سڌڄن رول، جوڳيڙا جهان ۾،
ٻگربون پائي بغل ۾، جَهائن جڙيل جهول،
راءِ ريجهائن رمز سان، راٽل سي رتول،
ڀلايائون ڀول، ناهِ ڪيائون نفس کي.

ز: منجهہ زوال، ڪاراتيل ڪڏڪوهہَ،
لاهوتين لقاءَ جا، لڳين لڱل لوهہَ،
ڳنَ ڳٽ ڏانهنُ ڪوهہَ، ڪوهُ ويا ڪي ڪاپڙي،

س: ساز سرور سان، ويراڳن ويراڳ،
ماڻن سي ماڳ، تندن کي تيار ڪري،

ش: شڪر شوق سان، منھُن مونين خود ماٺ،
اندر ذڪر ذات جي، 'غني' ڳيَنِ ڳاٺِ،
پُرجهي ٿيا پاڙياٺ، ويا وجودئون نڪري،

ص: صبر سُور ۾، توڙئون نہ تڪراري،
وڙهن پنهنجي وجود سين زار ڪري زاري،
وحدت جا واپاري، ويا وجودئون نڪري،

ض: ضامن ضرور، ڪن مدايون معاف،
خودي کي ڪائي ويا، صوفي ٿيا صاف،
'غني' لاهي غلاف، ويا وجودئون نڪري،

ط: طالب توحيد جا، سوجهائون صورت،
ظاهر ڪيائون ذات جي، منجهائون مورت،
پنهنجي ڳن پورت، ويا وجودئون نڪري،

ظ: ظلمت زود مان، نظر آين نور،
دوستي واري دم ۾ پيريائي پرپور،
ڪاپڙين ڪوهہ طور، موسيٰ وانگي ماٽيو.

ع: ڪان عيالَ، جدا ٿيا جوڳي،
هڪڙي ڪارڻ هڪ ٿيا، سدا سي سوڳي،
رهن ٿا روڳي، وبا وجودئون نڪري.

غ: غـور فـڪـر، فـراقـيـن فـهـم،
الله ڪُل شيءٍ مُحِيط، واريائون وهم،
ڇڏي لڳ لحم، وبا وجودئون نڪري.

ف: ٿيا قارون، ' غني ' غم فراق ۾،
لا سنديون لون لونءِ ۾ لڳن ڪي لاڙون،
درد ٿين دارون، وبا وجودئون نڪري.

ق: سندن قربُ، الفت سان الله،
راتيان ڏينهان روح ۾ ريجهائن ٿا رب،
ڇڏي سارا سَبِ، وبا وجودئون نڪري.

ڪ: ڪرامت قرب ۾ وَڙَئون ڪين ويا،
سُور تنين سِها، ويا وجودئون نڪري.

ل: اڄ لاهوتين، لَنوَ لڳي لاهوت جي،
جوڳي ٿا جَلن، ويا وجودئون نڪري.

م: رهن موڳا، حيرت ۾ حيران،
تہ ڪيئن ڇپائي پاڻ کي الله ٿيو انسان،
اِهو ڪري ارمان، ويا وجودئون نڪري.

ن: ناهِ نشان، ويراڳن جو واهَہ ٿيو
لاهوتي لنگهي ويا، لاحد لامڪان،
سنياسي سُبحان، ويا وجودئون نڪري.

و: ويراڳن جي، اُتي جڙي جاءِ،
نڪو آدم اُتهين، نڪو هو نہ هاءِ،
هئِ هئِ واءِ، ويا وجودئون نڪري.

ه: حق شناس ٿيا، ڏسين هاديءَ حقيقت،
طلب رکي توحيد جي، ترِيا طريقت،
منجهان معرفت، لاٿئون شريعت شڪ،
دلين دلق، پوشاڪ نانءُ پرينء جو.

ي: پسن يارُ، هر صورت سوچ ڪري،
آڏوتي اسرار، ويا وجودئون نڪري،

عاشِقَنِ اندوھُ

شاعري

فقير عبدالغني اياز ڀٽي

مرتب: **اختر درگاھي**

داتا بگن شاھ اڪيڊمي

مديحا مسيحا پبليڪيشن لاڙڪاڻو

هن ڪتاب جا جملي حق ۽ واسطا شاعر وٽ محفوظ

عاشقن اندوهه

شاعر: فقير عبدالغني اياز ڀٽي

مرتب: اختر درگاهي

ڇپائيندڙ: داتا بگن شاهه اڪيڊمي

پهريون ڇاپو: 2013

مديحا مسيحا پبليڪيشن- لاڙڪاڻو

ڪمپوزنگ: شيخ رفيق- آزاد ڪمپيوٽر ڪميونيڪيشنز لاڙڪاڻو

ڇپيندڙ: سلام پرنٽرز ۽ پبلشرز حيدرآباد 0300_3222430

پڪو جلد 300/=

ڪچو جلد 250/=

ASHIQAN ANDOUH

Poet: FAQEER ABDUL GHANI AYAZ BHATTI

I[st] Edition: 2013

Published by:

Data Bagan Shah Academy

Madiha Maseeha Publication Larkano.

Composed by: Shaikh Rafique - Azad Composers Larkano.

ڪتاب ملڻ جا هنڌ:

- سنڌي ادبي بورڊ جو بڪ اسٽال تلڪ چاڙهي حيدرآباد
- ڪانياواڙ بڪ اسٽور، بندر روڊ لاڙڪاڻو.
- رابيل ڪتاب گهر اسٽيشن روڊ لاڙڪاڻو.

ناشر طرفان پہ اکر

سنڌ جي سرزمين شاعرن، اديبن، عالمن ۽ سگهڙن ۽ سجاڻن سان ڀري پئي آهي، اسان پنهنجي وِت ۾ ستَ آهر انهن عالمن جا شهڪار ڇپائڻ لاءِ پاڻ ارپيو آهي، جن ڪلاڪارن جا شهپارا اڃان تائين منظر عام تي نہ آيا آهن. انهن کي ڇپائي نروار ڪريون.

هن ڪتاب کان اڳ ۾ داتا بگن شاهہ اڪيڊمي لاڙڪاڻو طرفان صوفي شاعرن جا جيڪي شهپارا جهڙوڪ " آباد عشق انباهہ" سيد بگن جيلاني جو صوفيانو ڪلامہ "قلندري خطاب" داتا فيض محمد شاهہ "ميرل" مشهور داتا فيض درياہ جو ڪلام "ڍولا ماهي آ" داتا ولايت علي شاہ جيلاني جو سرائڪي ڪلامہ "فقير راضي الله راضي" فقير محمد هدايت علي تارڪ نجفي. جي ڪافين جو ڪتاب ڇپجي نروار ٿيا آهن.

زير نظر ڪتاب عبدالغني اياز ڀٽيءَ جو هي صوفياني شاعريءَ جو ڪتاب **"عاشِقَنِ آندوهہ"** ان جي هڪ ڪڙي طور پڑهندڙن اڳيان پيش ڪري رهيا آهيون، جنهن کي اختر درگاهي صاحب ترتيب ڏنو آهي.

مطالع جي مشتاق سڄڻن کي عرض آهي تہ ڪتاب خريد ڪري اسان کي آئنده خدمت ڪرڻ جو موقعو فراهم ڪندا تہ سندن ٿورائتا رهنداسون. آمين ثم آمين

لاڙڪاڻو
2012 عيسوي

چيئرمين
داتا بگن شاهہ اڪيڊمي
لاڙڪاڻو


حڪيم محمد صالح يٽي
حڪيم مولوي مير محمد يٽي
مولانا عبدالرحمٰن يٽي
حڪيم گل محمد يٽي
خليفو مير محمد آخوند
مولانا دين محمد وفائي
شفيع محمد
(جوانيءَ ۾ رحلت ڪري ويو)
عبدالرحمٰن عرف محسن
آخوند عبدالغفور
آخوند عبداللطيف
آخوند عبدالرؤف
آخوند عبدالغني يٽي
مظفر حسين وفائي
شفيع محمد وفائي
علي نواز وفائي
تقي محمد وفائي
مقصود وفائي
زبير وفائي
طلعت وفائي
طاهر وفائي
عامر وفائي
عبدالرحمٰن وفائي
آصف وفائي
اعجاز وفائي
سليم وفائي
قرة العين
عامر وفائي
صنعان وفائي

مهاڳ

”عشق ۾ غازي غني“

شاهہ ولايت سُخن سچي سان،
پوئي گُلن کي سِڪ جي سڳي سان،
ڳنڍي قُرب جي پايان مان،
مالهي باغ جو آهيان مان.
(داتا ولايت شاهہ)

سنڌي شاعريءَ جي شروع کان ئي پنهنجي هڪ نرالي خوشبو رهي آهي جيڪا اصل ۾ تصوف جي باغ جي خوشبو آهي جنهن سنڌ جا جهرجهنگ واسي ڇڏيا آهن. تصوف جي انهيءَ باغ جي حُسن سان سينگاريل سنڌي شاعريءَ ۾ اُهو رنگ آهي جيڪو گلاب جي گُل ۾ ٿيندو آهي ۽ اُهو هُڳاءُ شامل آهي جنهنجو احساس ۽ تاثير دل تہ ڇا رُوح جي گهراين تائين محسوس ٿيندو آهي. سنڌي شاعريءَ ۾ تصوف جي باغ، ان جي گُلن ۽ هُڳائن جو اهو اثر ۽ ڪمال تڏهن ئي قائم رهيو آهي جو ان جا مالهي اهڙا تہ سچا سُخنور رهيا آهن، جن من ۾ محبت پائي، نُور نچوئي ان جي آبياري ڪئي آهي ۽ داتا ولايت شاهہ جي مٿئين شعر جيان انهن سرجڻهارن عشق، حُسن، سچ ۽ سُرت جي خوشبوءِ سان سلهاڙيل گُلن کي سڪ جي سڳي سان ويهي پوبو آهي. سنڌ جي سرتاج شاهہ عبداللطيف ڀٽائي کان وٺي داتا ولايت شاهہ تائين سنڌ جا سهڻا صوفي شاعر اهڙا تہ سچا سُخنور آهن جن

سڏي ساقي ڏيو سُر کي پيئڻ وارن جي پارت ٿو.
مئہ کي پي جيئڻ ٿا جي جيئڻ وارن جي پارت ٿو.

هر سنو شاعر پنهنجي شاعريءَ ۾ نون لفظن، نون قافين ۽ نون ردیفن جي حوالي سان بہ مقبول بڻبو آهي. عبدالغني پيٽيءَ جي شاعريءَ ۾ بہ اهڙيون ڪافيون ملن ٿيون جن ۾ سندس استعمال ڪيل قافيا، رديف ۽ لفظ نوان ۽ وڻندڙ آهن. مثال طور:

اڱڻ تي عشق آيو آ، چڪيا هن چاڪ بسم الله.
ويا وسري سيئي سارا، عقل ادراڪ بسم الله.
برهہ جو بار ٿيو بالا، حاصو مصلو وئي مالها،
پيتا سي پرت جا پيالا، محبتي ماڪ بسم الله.

انهن شعرن ۾ هڪ طرف قافيا خوبصورت آهن تہ ٻي طرف رديف 'بسم الله' جو استعمال شاعر جي بيان کي وڌيڪ اثرائتو ۽ سندس اندر جي اظهار کي وڌيڪ چٽو پيش ڪري ٿو. ٻئي پاسي انهيءَ ڪافيءَ ۾ اندروني قافين جو استعمال بہ ڪيو ويو آهي، خاص ڳالهہ تہ انهيءَ ڪافيءَ ۾ عبدالغني پيٽي "محبتي ماڪ" جهڙو خوبصورت ۽ جمالياتي اصطلاح پڻ پيش ڪيو آهي. ان حوالي سان سندس هڪ ٻي ڪافيءَ جي هينين شعرن کي داد ڏيڻ کانسواءِ رهي نہ ٿو سگهجي جنهن ۾ سندس جمالياتي ذوق ۽ حُسن جو بيان ڀرپور ملي ٿو.

محبوب جا ڏنا مون گهنڊي وارَ گهرا گهرا.
دل تي زخم لڳي ويا سئو وار گهرا گهرا.
لب لعل ها گُلابي ڳل ها تہ چڙهي شرابي،
پاتا هئائين ڪپڙا رنگدار گهرا گهرا.

فڪري حوالي سان سندس غزلن تي بہ تصوف جو رنگ ئي غالب آهي پر جيئن تہ غزل هڪ رومانوي صنف آهي، تنهنڪري عبدالغني يٽي پنهنجن غزلن ۾ مجازي عشق جو رنگ اوتي هن صنف سان بہ انصاف ڪيو آهي. نہ صرف ايترو انهن غزلن ۾ 'تغزل' بہ برقرار آهي.

درد جگر ڏنو آ دلبر انعام ۾،
مونکي نمبر ملي ويو بهتر انعام ۾.
پياسو ڏسي پيارېو مونکي پرينءَ پري،
سقراط جيان سراسر ساغر انعام ۾.

عبدالغني يٽي جي هيٺين غزل کي پڙهڻ سان مونکي تہ فارسي جي عظيم شاعر حافظ شيرازيءَ جي هڪ سِٽَ ياد ٿي اچي، تہ "عشق آسان نمود اول ولي افتاد مشڪلها" اهڙي ڪيفيت عبدالغني يٽي جي غزل مان بہ ڀرپور نظر اچي ٿي.

دل لڳي جنهنکي ڇيم پئي سو برهہ جو بارُ ٿيو،
ڇا منجهاران ڇا ٽيس اهڙو ورهہ جو وارُ ٿيو.

ننڍي بحر ۾ غزل لکڻ توڙي جو جديد شاعريءَ جي خاص سڃاڻپ آهي پر ساڳي وقت اهڙي بحر ۾ خيالن کي نباهڻ مشڪل بہ آهي. عبدالغني يٽي ماهر شاعر آهي جنهن ننڍي بحر جي غزلن ۾ بہ پنهنجي خيالن کي مضبوط نموني پيش ڪيو آهي.

تنهنجي بزم سجائڻ خاطر،
لُڙڪن جا گلدستا ناهيم.
دل ۾ تنهنجا رستا ناهيم،
ڏاڍا سهڻا سستا ناهيم.

عبدالغني يٽي جي هن خوبصورت غزل ۾ فني حوالي سان

اهڙي طرح هلندڙ دور ۾ اج جو روحاني رمزن جو ڄاڻون شاعر، معتبر ۽ گهڻو متاثر ڪندڙ نالو فقير عبدالغني "اياز" جو بہ آهي. ڇو تہ عبدالغني "اياز" جي شاعريءَ ۾ احساس، فڪر ۽ خوبصورت مزاج جو جذبو سمايل آهي.

هن حساس شاعر جي تخليق جي تصوف ۾ معراج ۽ احتجاج جو لهجو انڪار ۽ اقرار جو لهجو. ٻئي پاسي سندس شاعري ۾ مجازوي ۽ رومانيت جو اثر بہ همہ از اوست جي تصور مطابق آهي. سندس دل تي عشق جو اثر ايترو تہ اهم آهي جو روحاني رمزن جي واقفيت رکڻ، تصوف جي معراج ماڻڻ لاءِ پنهنجي مرشد کي محور ڏسي عبدالغني "اياز" چوي ٿو:

اُتي خيال اڙيو جتي آدم نہ الله،
نڪا سير سمونڊ جي نہ ٻيڙي نہ ملاح،
ويراڳين وهواهہ، مُلڪ مٿاهون ماڻيون.

عقل جي پاسي کان پُراميد حڪمت پسند شاعر حقائق حيات يعني زندگيءَ جي حقيقتن جي جستجو ۾ مشق ڪندڙ ئي اهڙي ڳالهہ ڪري سگهي ٿو.

فقير عبدالغني "اياز" پنهنجي نظرياتي تصوف جي معرفت ۾ مرشد سان ازلي لَنوَ لائي فيض وٺي مخفي رمزن جون ڳالهيون پنهنجي شاعري ۾ سمويون آهن. هونئن بہ فقير عبدالغني "اياز" جو وسيع مطالعو بہ آهي. مضمون نگاري، ڪتاب لکڻ ۽ ڇپائڻ. راڳ ويراڳ، سُر تار جو ڄاڻو راڳ جي سکيا ڏيندڙ استاد جي حيثيت ۾ ڪيترن ئي شاگردن کي فيض ڏئي فنڪار بڻائي ڇڏيو اٿائين.

فقير عبدالغني "اياز" جي پوري زندگي اڄ تائين عالماڻي انداز

ماستر ۽ صحافي اميرالدين "عاجز" پٽو ڊاڪٽر عبدالغني پٽو سيد مراد علي شاه "مراد" اڪبر علي "دايل" خورشيد انور عباسي، شهزادو دايو مسعود پٽو نورالدين پٽو نبن سومرو صاحب خان سهتو سگهڙ قائم سهتو بهار فقير ڏکڻ پائو الله بخش پٽو شبير احمد پٽو ۽ ٻيا ڪيترائي ايندا هئا.

هن مڪان تي ٻارهوئي سومر شاه ۽ بيرنگ شاه جا ساليانہ عرس ملهائبا هئا. اتي ڪيترائي صوفي راڳي ايندا هئا. جن مان دريا خان فقير، محبوب فقير جيهو غلام حيدر گجر ۽ ان جو راڳي اربا ب علي شر فقير، همت علي ۽ شمن علي ميرالي صوفي امام الدين فقير ڏکڻ بيگم فقيراڻي (روهڙي). ماستر لونگ. گلزار علي خان، عرس شيخ، غلام قادر ٻرڙو امام علي فقير (پنج موريو) رسول بخش پٽ، باغن شاه. سڪندر فقير ۽ عبدالمجيد سيال، ڪانديرو ماڇي، شمن علي سومرو (شڪارپور) نيڪ محمد اڏو سيد شير شاه خيرمحمد ڪوڪر چتل فقير ڪوڪر، ڏٽي بخش مائري، ميان نظير احمد تنيو ٻيا ڪيترائي پڻ ايندا هئا.

عشق:

عبدالغني پٽي هڪ حسن پرست شاعر آهي. هن حسن ۽ عشق جي راهہ ۾ رفيقن ۽ رقيبن هٿان جيڪو حال ٿيو سو پنهنجو حال هن طرح اوريو اٿائين

مرندو ڏسي غنيءَ کي سهڻن مٿان سراسر،
جاني جدا ٿي ويڙا، سڀ يار گهرا گهرا.

سندس حسن پرست ۽ گلن ۽ بلبلن سان شغف رکندڙ طبيعت اهڙي تہ عشق جي اري ۾ اڙايس جو هي سادو سودو هجڻ جي

وفائي پرنٽنگ پريس:

عبدالغني پٽني 1980ع ۾ ايس. آر. ٽي. سي جي نوڪري ڇڏي اچي پنهنجي چاچي محترم علي نواز وفائيءَ جي شاگردي هيٺ وفائي پريس ۾ ڪم ڪرڻ لڳو. هن پريس مان مشهور هفتيوار "آزاد" اخبار نڪرندي هئي جنهن جي پروف ريڊنگ ۽ ٻيو ڇپائي جو ڪم ٻه هٽي سکيائين. هفتيوار آزاد ۾ ڪم ڪندي ڪيترن ئي مختلف موضوعن تي مضمون لکيائين. سندس مضمون آزاد کان سواءِ روزانه هلال پاڪستان ۽ روزانه جنگ ۾ ڇپيا. هلال پاڪستان جي دفتر ۾ ويندي جن شخصيتن سان ملاقات ٿيس. انهن مان فقير محمد لاشاري، سراج ميمڻ، اسلم آزاد، نصير سومرو ۽ قطب گهنجو ۽ ٻيا.

وفائي پريس ۾ ڪم ڪرڻ ۽ مطالعي جو شوق ڪيس سندس وڏي ڀاءُ مرحوم عبداللطيف آخوند ڏياريو.

بزم طالب المولیٰ جمن هالو شاخ ڪراچي:

وفائي پريس ۾ رهڻ دوران محترم اصغر هالي سان ملاقات ٿيس ته بزمِ طالب المولیٰ جو ميمبر ٿيو جتي کيس پريس سيڪريٽري ڪري رکيائون. بزم جي سالياني ڪنوينشن ۾ مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ جي زيارت نصيب ٿيس ڪراچي، هالا ۽ ڪرڙ سولنگي ڳوٺ ۾ مشاعرن دوران مخدوم جميل الزمان سان ويجهڙائي ٿيس.

وفائي جي صحبت ۾ جيڪي اديب، شاعر، عالم ۽ محققن سان ملاقات ٿيس، انهن مان مختصر نالا هي آهن. پير سيد حسام الدين راشدي، مؤمن مليرائي، ڪريم بخش خالد، در محمد پٺاڻ، بدرالدين اجڻ، نصرت ابڙو، آفتاب ابڙو، ممتاز بخاري ۽ ٻيا.



☆

آهـن گـم الله ۾ هـاتـڪ سي هـوشـيـار،
برسر بار برهہ جو چائي، سوريءَ ٿيا سوار،
وحـدت جـو واپـار، ويـراڳيـن وجـود ۾.

☆

چوٿو ڪرين سَدَّ، تون فنا ۽ فڪر جي،
سيئي بقا با الله ٿيا، جن عشق جي آمد،
حدئون لنگهي لاحد، عين سي اسرار ٿيا.

(مونکي محبوبن جي)

مـونـکـي مـحـبـوبـن جي، مـن انـدر مـيـخ،
انهيءَ تيزي تيڪ، جهوري جيءُ جدا ڪيو.

☆

سـڄـڻ سـنـدو سـورُ مـرڻ بـنـا نـہ لـهـي،
جلوي ڪيو جُهور، جواني ۽ جوت ڪي.

☆

مرڻ بنا نہ لهي، تانگهہ پرين جي تِڪ،
جيءَ انـدر ۾ جُڪ، سـدا سـهـڻي يـار جي.

☆

چـرِي دل چـوي تـہ پـريـن وَٽ وسـان،
پل پل منجهہ پسان، ڏوَ ڏاپان ڪين ڪي.

☆

☆

ٻَن اها ٻيائي جنهن سان دلبر دور ٿئي،
هن ذڪر جو مذڪور، ذاتيلا ڪن ذوق سان.

☆

ذاتيلن ڪي ذوق، ظاهر باطن ذات جو،
شائقن جو شوق، شائون مائون مٿي ٿيو.

☆

وري وري وريا، ويراڳي وريام،
ناهِ اندر نام، ناهِ ڪري ويا نڪري.

"سهڻو يار سنڌي"

سهڻي يار سنڌيءَ جي، چلڻ عجب چال،
جانب جي جمال سان، مُور نہ ڪنهن مجال،
پرين پريت جا پال، مڙني ڪي موهي وڌو.

☆

سهڻي يار سنڌيءَ جي، سادگيءِ سُونهن،
ورهَہ جي ورُونهنَ، راحت منهنجي روح جي.

☆

سهڻي يار سنڌيءَ جي، مٺي آ محبت،
قريبن قربت، اصلئون آهِ عجب جي.

☆

سهڻي يار سنڌيءَ جي، سِڪَ ڪيو آ سُڪ،
روح ۾ راڻي هنئي ڪا، محبتن واري مُڪَ،
چوڻ آهي چُڪَ، مڙڻ آهي مامرو.

اُتـي خـيـال اڙيـو جـتـي آدم نـہ الله،
نـڪا سير سمونڊ جي، نـہ ٻيڙي نـہ ملاح،
ويـراڳيـن وهـواهـہ، مـلـڪ مـثـاهـون ماڻـيـو.

”جلووءِ جوت“

جـلـووءِ جـوت، آهِ جـانـب سـنـدي جُـوءِ ۾،
جـيـئـڻ آهـي مـوت، ري پسـڻ پـريـنءَ جـي.

☆

پـريـن بـنـا پـاڻ، پـوري پـانـيـان پـت،
جيئن ڏک سکن ساڻ، تيئن مونسان مون پريتڙو.

☆

تـوڙ ي آهـي ڏک تـوڙي آهـي سُـک،
محبن سندو مُک، مون لئي مڙئي هـڪڙو.

☆

پـريـن نـاهـہ پـري، مـان پـاڻ پـري نـہ ٿـيـان،
جا محبن لاءِ مري، سا پـريـن پـري نـہ ڪـنـدا.

☆

آءُ انـهـن جـي آهـيـان، جـن ٻـريءَ ڪـي ٻـاري،
غـنـي ڪـي گـهـاري، مـحـبـوبـن جـي، مَـن ۾.

☆

☆

پيڻ پَلي ڏي ويڙ، جيئن مون وساريو ور،
نينڊي سو ننڊ ۾ رهيس، اٿيس ڪين عصر،
ڪنيم ڪين ڪَرُ، تان سورج شاخون ڪڍيون.

☆

پاءُ پلي ڏي گهاءُ، جيئن مون وساريو وَرَ کي،
پاڙيم ڪين پاءُ، قالو بليٰ جي قول کي.

☆

سرتيون ڪڍو ساهُ، جيئن مون وساريو وَرَ کي،
ڪڏهين رکينم ڪين ڪي، الفت سان الله،
مِڙي لاهيو ماهُ، هڏن مٿان هوڏ جو.

☆

والد وَڍِ اچي، جيئن مون وساريو وَرَ کي،
چڱايون چٽ ڪري ڪوڙي ٽيس ڪچي،
لوني آءُ لچي، جو وساريم وصال کي.

دستگير پير منهنجا دائم ڏکين دلارا،
تنهنجوئي آسرو آ هادي انباھ وارا.

1. طالب جي ڪاڻِ پارس سيني ۾ ساڻ پارس،
ڏئين ٿو ڏڏن کي ڏاتر اُهڃاڻ ڄاڻ پارس،
حق سچ ڏسين ٿو سڀ کي اهڙا ڏئي اشارا.

2. در تي ڏمال دائم، قرب و ڪمال قائم،
نانگا نچن ٿا نيهي، فائق فدا ٿي فالم،
گهڙيال گهنڊ چيريون انحد وڄن نغارا.

پيئڻ شوق شراب، سِرُ وڃاءِ تہ سولو آهي.

1. ٿي قربان ڪلال هٿان تون، تڪو جنهن جو تاب،
سِرُ وڃاءِ تہ سولو آهي.

2. مري پَئُہ تہ مطلب ماڻين، باقي ٻيو هئڻ حجاب،
سِرُ وڃاءِ تہ سولو آهي.

3. مرد اهو ئي ”غني“ مانجهي، جيءَ ڪي ڏئي جو جواب،
سِرُ وڃاءِ تہ سولو آهي.

❀

ملان قاضي سبق سُڻي وڃ،
آءُ اسان وٽ وبهُ.

1. بنا محبت محب نہ ملندو
ڏوري ڏِس پل ڏيهُ.

2. مرد ڏين تا مام اها ئي،
پنهنجو پاڻ ۾ پيهُ.

3. غني مذهب آهي مونجهارو
شوق جو ناهي ڇيهُ.

اڄا اسان کي آھي اچانڪ،
لڳڙي عشق جي آري، بي اختياري.

1. گم رھون ٿا غم ۾ ھردم،
ھوش ويو ھوشياري، بي اختياري.

2. طعنا ڏين ٿا، ماڻھو مٺا،
ڪيو آورھَ ويچاري، بي اختياري.

3. راتيان ڏينھان روئڻ زاري،
جوش جگر ۾ جاري، بي اختياري.

4. درد منجھارون خبر 'غني' پئي،
ناھيان نوري ناري، بي اختياري.

مُلڪِ عَدمُ جا مسافر ئي آهيون،
نہ مسلم سڳورا نہ ڪافر ئي آهيون.

1. پهري پوش آدم ڪياسي ڪشالا، وڳا ويس وهوا ڏڪياسي دوشالا،
صفا صاف صوفيَ سراسر ئي آهيون ......

2. يگانا بيگانا بهانا بنائي، مست و مست موڳا چريو خود چوائي،
برهہ وارا بيشڪ برابر ئي آهيون ......

3. ڪوڙي خيال خدائي 'غني' تا گذاريون، مندر مسيتيون نٿا پيا نهاريون،
آهيون توڙي ناهيون نشانبر ئي آهيون ......

پنهنجو پاڻ ڪاڻ رياسي جوٽ چڙهياسي

1 دنيا عقيدي دين مذاهب اڙجي ڪين اڙياسي،
جوٽ چڙهياسي

2 عشق ازلي آيو ٻيو تي نيهه نعوڙي نياسي،
جوٽ چڙهياسي

3 ڪين جي ڪن ۾ ڪاه ڪري ڪيئنئون ڪين ٿياسي،
جوٽ چڙهياسي

4 معراجي ڪر ... جون چڙهيون لهرن منجهه لڙهياسي،
جوٽ چڙهياسي

5 عرشين پنهنجا خيال اڏاري 'فني' ساڳ گڏياسي،
جوٽ چڙهياسي

✿

ملڪ مٿانهون ماٿي وچ تون.
تار طلب جي تاڪي وچ تون.

1. ديهي ڪايا ڪري پورا.
ذات چاڪي ۾ چاڪي وچ تون.

2. ساڳيو سڀ آهين سالڪ توهين.
چاڻ اهو ئي چاڪي وچ تون.

3. پيو جي ڳالهه ته پوئتي آهي.
همت سان ئي هاڪي وچ تون.

4. 'غني' غازي ڪر ذات کي ظاهر.
خيال خودي کي اُڪاڻي وچ تون.

❀

!جايو تو ڪٿي ڳولين آهيان موجود مئخاني،
صراحيءَ سان اٿم صحبت آهيان پيهم ۾ پئماني.

1. مندر مسجد ڪليسا ۾ پيل آ پرتوو منهنجو
اندر ٻاهر باطن ظاهر، آهي بس مرتبو منهنجو
مگر جلوي نمائي آ، منهنجي خود خاص خُمخاني.

2. هوائن ۾ صدائن ۾ بزم بيحد فضائن ۾،
بحر برتر بازارن ۾ رضائن ۾ قضائن ۾،
گلن بلبل حُسن حيرت ادائن ۾ عجيبائني.

3. محوَ مخفي ٿي مورت ۾ صفاتي ساز ۾ آيم،
ڪري ذاتي ظهورو هي اناَ اياز ۾ آيم،
بشر جي ييد ۾ بالا، فهم فالم فقيراني.

ذوق کيو آهي ذريون،
هئ ڙي قدرت عشق تنهنجي جي!

1. تنهنجي ديدن کولي چڏيون،
واري دل جون دريون،
هئ ڙي قدرت عشق تنهنجي جي!

2. خاڪي پوش مان ظاهر ٿيون،
سڪ واريون کي سريون،
هئ ڙي قدرت عشق تنهنجي جي!

3. ’غني‘ تو سان عشق واريون،
اتڪيل آهين اريون،
هئ ڙي قدرت عشق تبهنجي جي!

ڏکي ڇڏ منهن نہ زلفن سان پريشان رات ٿي ويندي،
ستارن جي مٿان طاري، صنم سڪرات ٿي ويندي

1. ادا تنهنجي سزامون لئي، مٿا دلبر ڪري شفقت،
ڪيو ڪي برهہ جون باتيون، پرين پريات ٿي ويندي

2. غلافِ زلف ڇڏ لاهي، ٿيڻ ڏي رات کي روشن،
ڇڏي ڏي ضد اي زوراور، موچاري مات ٿي ويندي

3. مِلي ويو هر ڪوئي چوندو، "غنيءَ" کي يار مستانو،
جڙي ويو جوڙ وهوا جو وائي هر وات ٿي ويندي

”سُر جوڳ“

✿

اَئي منهنجي ماءُ آهيان آءٌ وڏيل ويراڳين جي،
سبق ڏئي ويا سوريءَ جو مان سائينءَ جو ساءُ.
واڍوڙين جي وڳ جو وِري وري ڪو واءُ.
مون بہ سيني سانڍيو رمزن وارو راءُ.
پرديسين پوربين جو ’غني‘ آهي گهاءُ.

"سُر بسنت"

لائي بسنت بهاري وي،
برسر باغ ۾ برتر وسيا.

1. سونا گل سَرنهن جا سُونهن،
واهه قلن قلواري وي.

2. بلبل توکي گل مبارڪ،
شال رهين سرشاري وي.

3. تڏڙي هير جيءَ جياريو
صبح جو سؤ واري وي.

4. 'غني' ايندا يار اسان جا،
خوب ڪندا غمخواري وي.

اسڪالر پروفيسر ادل سومرو جا هٿ اکر

.. مجموعي طور تي سنڌي شاعريءَ جو مزاج
پنهنجي جوهر ۾ صوفيانو، انسان دوستي
۽ وطن دوستيءَ وارو آهي. هر شاعر پنهنجي
انداز سان، اسٽريءَ عالمگير فڪر جو اظهار ڪيو
آهي. اسان جو شاعر دوست عبد الغني اياز پڻ
علائقائي شاعر آهي. ڳاڙهي سنڌ جي روح ۾
رچيل آهي. مٽا ورهي شاعريءَ جو
رنگ چڙهيو اٿس ته سنڌ جا پڙهندڙ
پڙهندي ٿيو وڃي.
انداز بنيادي طرح صوفيانو آهي ۽ بعد ۾
ڪلاسيڪي ۽ جديد رنگ جي ترجيع ڏني ته
اسٽريءَ بيت شاعريءَ ۾ زندگيءَ جا عڪس
عڪس سمايل اٿس پر اُنهن سڀني سان
تصوف جو عڪس وڌيڪ نمايان آهي.
اياز پڻ بنيادي طرح صوفي شاعر آهي ۽
سنڌي سوچ ويچار جو سرچشمو اسي آهي
جنهن جي جوڳائي جيا ويچار گرڊشت
ڪندا. شاعر انهن سڀني سان نباهيو آهي.
اها سنڌ ڪاميابي آهي. اياز پڻ جي
شاعريءَ جون ترڪيبون، اصطلاح، تشبيهون

۽ استعارا وغيره ۽ گهڻو ڪري صوفيانه
شعري مواد جي اثر هيٺ ورتل آهن ۽
انهن جو استعمال شاعر پنهنجي انداز سان
ڪيو آهي. عشق تي گهڻو آهي ڪيم، صوفي ٿو
ٿي سوچيءَ تي، نمبر جڳهه هٿ سان.
۽ بيا عيش منوان، هُن جي تخليق ۾
تصوف سان سنڌ فڪريءَ جا اپاءُ
واضح ڪن ٿا.. هن جي شاعريءَ ۾
مجازي ماسرا ۽ غزل ۽ ڪافين ۾ نهايت
سهڻي انداز سان بيان ٿيل آهن. ٻوليءَ
جي سادگي ۽ لفظن ۾ موسيقيت اياز پڻ
جي شاعريءَ جي نمايان خصوصيت آهي.
راڳ جي جاڳ محبت سبب هن جي تخليق
نهايت مترنم آهي. جيڪا آسانيءَ سان
ڳائي سگهجي ٿي. هيءُ هڪ علائقائي جي
تخليق آهي، جيڪا ماڻهن جي دلين تائين
پهچڻ جا سمورا سامان رکي ٿي.

▪ ادل سومرو